ABC Certified
REG NO. 3833
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) خميس 04 جنوري 2024ع بمطابق 21 جمادي الاثاني 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 219

اليڪشن ڪميشن جي اپيل منظور، اسٽي آرڊر واپس، پي ٽي آءِ کان بيٽ جو نشان کسجي ويو

پشاور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس اعجاز خان پاران عدالتي فيصلي خلاف اليڪشن ڪميشن جي نظرثاني اپيل تي ٻڌڻي، اليڪشن ڪميشن جو وڪيل ۽ تحريڪ انصاف جو سينيئر وڪيل پيش ٿيا

ڇا اليڪشن ڪميشن هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف عدالت اچي سگهي ٿو؟ سنڌن رٽ ٺيڪ نه آهي، 26 ڊسمبر تي فيصلو آيو، جنهن تي اڄا تائين عمل ناهي ڪيو ويو: پي ٽي آءِ جو وڪيل

اليڪشن ڪميشن هنيئر تائين ويب سائيٽ تي انٽرا پارٽي چونڊ سرٽيفڪيٽ جاري ناهي ڪيو (پي ٽي آءِ جو وڪيل) ڇا اوهان جي طرفان ڪو توهين عدالت ڪيس آيو؟: جسٽس اعجاز

اسان جي اميدوارن جا نامزدگي ڪاغذ رد ٿيا اليڪشن ڪميشن ڇا ڪيو؟ هڪ پارٽي کي هڪ پاسي ڪرڻ اليڪشن ڪميشن ۽ جمهوريت لاءِ ٺيڪ ناهي: وڪيل قاضي انور

اليڪشن ڪميشن کي هڪ سياسي جماعت خلاف استعمال نه ڪرڻ گهرجي ها، اسان چاهيون ٿا ته اليڪشن ڪميشن شفاف چونڊون ڪرائي، نظرثاني اپيل رد ڪئي وڃي

پشاور هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ جي انٽرا پارٽي اليڪشن ۽ چونڊ نشان تي پنهنجو اسٽي آرڊر واپس وٺي ڇڏيو، اليڪشن ڪميشن جو 22 ڊسمبر وارو فيصلو بحال ڪري ڇڏيو

پشاور (م د) پشاور هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي اليڪشن ۽ چونڊ نشان ڪيس تي اليڪشن ڪميشن جو فيصلو بحال ڪندي اسٽي آرڊر واپس وٺي ڇڏيو. پشاور هاءِ ڪورٽ جسٽس اعجاز خان عدالتي فيصلي خلاف اليڪشن ڪميشن جي نظرثاني اپيل تي ٻڌڻي ڪري رهي آهي، جنهن سلسلي ۾ اليڪشن ڪميشن جو وڪيل ۽ تحريڪ انصاف جو سينيئر وڪيل قاضي انور عدالت ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: صدر عارف علوي اجلاس جي صدارت ڪندي

ڊسمبر 2023ع تائين آئي جي ڪمپلينٽ سيل کي 77522 شڪايتون مليون

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آئي جي ڪمپلينٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

پيپلزپارٽي هجهڙائي رکندڙ چونڊ نشانن تي اعتراض ڪندي اليڪشن ڪميشن کي خط لکيو ڇڏيو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان پيپلزپارٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

بيٽ جي نشان بابت اسان جي موقف تي بحث ئي نه ٿيو. بئريسٽر علي ظفر

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پي ٽي آءِ جي سينيٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

تحريڪ انصاف پاران بيٽ واپس وٺڻ واري فيصلي خلاف سپريم ڪورٽ وڃڻ جو اعلان

نشان ڪيس تي اليڪشن ڪميشن جو فيصلو بحال ڪندي اسٽي آرڊر واپس وٺي ڇڏيو

پي ٽي آءِ کان بيٽ واپس وٺڻ غيرقانوني آهي، چونڊن کي دنيا قبول نه ڪندي: بئريسٽر گوهر

راولپنڊي (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف پشاور هاءِ ڪورٽ جي چونڊ نشان بيٽ واپس وٺڻ واري فيصلي خلاف سپريم ڪورٽ وڃڻ جو اعلان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ليول پليئنگ فيلڊ ڪيس: سپريم ڪورٽ اليڪشن ڪميشن کان عدالتي حڪم تي عملدرآمد رپورٽ طلب ڪري ورتي

جسٽس محمد علي مظهر ۽ جسٽس مسرت هلالي تي ٻڌل ٽي رڪني بئنچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

اسان اهو ڪيئن چئون ته فلاڻي پارٽي جا نامزدگي ڪاغذ منظور ۽ فلاڻي پارٽيءَ جا رد ڪيو؟ چيف جسٽس

توهين عدالت واري سموري درخواست پڙهي آهي، هن ۾ ڪو به الزام ناهي رڳو جنرل ڳالهيون ڪيون ويون آهن

پنجاب ۾ پي ٽي آءِ کي ليول پليئنگ فيلڊ نه پئي ڏني وڃي. ڪوبه ادارو خاموش تماشائي بڻجي پنهنجي آئيني ذميوارين کان پوئتي نٿو هٽي سگهي: لطيف کوسا

اوهان 2013 جي چونڊن ۾ به الزام لڳايا. عدالت جو ٽڏهن به وقت ضايع ڪيو ڪي به پڪا الزام نه نڪتا، موجوده چيف اليڪشن ڪمشنر کي به اوهان مقرر ڪيو اسان نه: چيف جسٽس

اسلام آباد (م د) پي ٽي آءِ ليول پليئنگ فيلڊ ڪيس ۾ سپريم ڪورٽ چيف سيڪريٽري پنجاب، آءِ جي پنجاب ۽ ايڊووڪيٽ جنرل پنجاب کي نوٽيس جاري ڪندي لکت ۾ جواب طلب ڪري ورتو آهي. ٻڌڻي جي شروعات ٿي ته پي ٽي آءِ جي وڪيل لطيف کوسه دليلن ۾ چيو ته پنجاب ۾ پي ٽي آءِ کي ليول پليئنگ فيلڊ نه پئي ڏني وڃي. ڪوبه ادارو خاموش تماشائي بڻجي پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ

پاڪستان جي سرڪار لکي ڏئي ته آئنده ڪنهن به غير قانوني طور گم نه ڪيو ويندو: قاضي فائز عيسيٰ

رياست کي به پنهنجو مائينڊ سيٽ تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي، فرقيوار ۽ لساني بنيادن تي به ماڻهن کي قتل ڪيو ويو

ڇا حڪومت طرفان توهان اهو چئي سگهو ٿا ته ڪنهن کي به غير قانوني طور نه کنيو ويندو؟ چيف جسٽس جو اٽارني جنرل کان سوال

سپريم ڪورٽ ۾ ڪيس جي ٻڌڻي دوران اعتزاز احسن ۽ آمنه مسعود جنجوعه گم ٿيل ماڻهن بابت ڪميشن تي بي اعتمادي ظاهر ڪري ڇڏي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو آهي ته پاڪستان جي سرڪار لکي ڏئي ته آئنده ڪنهن به غير قانوني طور گم نه ڪيو ويندو. رياست کي به پنهنجو مائينڊ سيٽ تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي. چيف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ٽي آءِ انٽرا پارٽي اليڪشن ڪيس ۾ پشاور هاءِ ڪورٽ ٻڌل لکت وارو فيصلو جاري ڪري ڇڏيو

وڪيل اعتراض اٿاريو ته پشاور هاءِ ڪورٽ اختيار کي نظرانداز ڪندي حڪم نامو جاري ڪيو هو

حڪم نامو واپس وٺي رهيا آهيون، اليڪشن ڪميشن کي آئين ۽ قانون موجب چونڊون ڪرائڻ گهرجن

اليڪشن ڪميشن جو وڪيل ۽ تحريڪ انصاف جو سينيئر وڪيل قاضي انور ايڊووڪيٽ عدالت ۾ پيش ٿيو

لاهور: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ آصف زرداري سي اي سي اجلاس جي صدارت ڪندي

پشاور (م د) پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي اليڪشن ڪيس ۾ پشاور هاءِ ڪورٽ 6 صفحن تي ٻڌل لکت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ويڪسين فراهمي تي مقرر عورتن کي اليڪٽرڪ بائيڪ ڏيڻ جو فيصلو

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سنڌ حڪومت صوبي ۾ ويڪسين فراهمي تي مقرر عورتن کي پنهنجو خدمتون مهيا لاءِ اليڪٽرڪ بائيڪ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي، جڏهن ته حڪومت پاران عورتن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ايم ڪيو ايم جي قومي اسيمبلي جي 8 سيٽن تي اميدوارن جا نالا فائنل ٿي ويا

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) متحده قومي موومينٽ عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ پنهنجي 8 اميدوارن جا نالا فائنل ڪري ورتا آهن. جڏهن ته اين اي 242 تي ن ليگ سان ڏيڊ لاڪ برقرار آهي. ايم ڪيو ايم جنرل ورڪرز جي اجلاس کان پوءِ اميدوارن جي نالن جو اعلان ٿيندو. ايم ڪيو ايم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڊالر 9 پئسا سستو، ڪراچي ايڪسچينج ۾ مثبت شروعات ٿي وئي

281 رپيا 80 پئسا ٿي ويو، ڪالهه انٽربئنڪ ۾ ڊالر 281 رپيا 89 پئسا تي بند ٿيو

ايڪسچينج 100 انڊيڪس 288 پوائنٽن جي واڌ سان 64 هزار 637 تي پهچي ويو

ڪراچي (رپورٽر) آمريڪي ڊالر اڄ انٽربئنڪ ٽريڊنگ جي شروعات ۾ ڊالر 9 پئسا سستو ٿي 281 رپيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اتر وزيرستان جي علائقي ميران شاهه جي ڳوٺ تپي ۾ اڳوڻي ايم اين اي تي حملو

قومي اسيمبلي ميمبر ۽ اين ڊي ايم جي چيئرمين محسن داوڙ جي قافلي تي حملو ٿيو

اين ڊي ايم چيئرمين جي گاڏي جي فرنٽ ۽ سائيڊ شيشن تي گوليون لڳيون: پوليس عملدار

ميرانشاهه (م د) اتر وزيرستان جي علائقي ميران شاهه جي ڳوٺ تپي ۾ اڳوڻي قومي اسيمبلي ميمبر ۽ اين ڊي ايم جي چيئرمين محسن داوڙ جي قافلي تي حملو ٿيو آهي، پوليس موجب محسن داوڙ اليڪشن مهم جي لاءِ تپي وڃي رهيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ايران جي شهر ڪرمان ۾ اڳوڻي جنرل قاسم سليماني جي مقبري ويجهو ڌماڪا، 188 ڄڻا مارجي ويا

اڳوڻي جنرل سليماني جي چوٿين ورسي جي موقعي تي مقبري ويجهو ڌماڪيدار مادي سان مواد ڦاٽي پيو

مقبري ۾ 2 هزار ماڻهو موجود هئا، ڌماڪن ۾ 80 ڄڻا فوت ۽ 171 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا: ايراني ميڊيا

ڪرمان ۾ ڌماڪا دهشتگرديءَ جا واقعا آهن، ڌماڪا دستي بم ڦاٽڻ سبب ٿيا، شهر ۾ سيڪيورٽي هاءِ الرٽ

تهران (م د) ايران جي شهر ڪرمان ۾ اڳوڻي جنرل قاسم سليماني جي مقبري ويجهو ٻن ڌماڪن ۾ 188 ماڻهو مارجي ۽ 100 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا. ايراني ميڊيا موجب اڳوڻي ايراني ڪمانڊر جنرل سليماني جي اڄ چوٿين ورسي جي موقعي تي سندس مقبري ويجهو ڌماڪيدار مادي سان پريل به ٿيلها قبرستان جي داخل ٿيڻ واري در تي رکيا ويا هئا. ايراني ميڊيا جو چوڻ آهي ته قاسم سليماني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي جي هدايتن تي شڪارپور ۾ دڪانن تي ڇاپا

اسٽارٽ گنج روڊ شڪارپور تي ڪارروائي دوران 400 ڪلوگرام ڦٽ خراب پيل هٽ

خوراڪ جي ڪاروبار کي هلائڻ لاءِ سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ضابطن تي عمل ڪن: سعيد احمد ميمڻ

ڪراچي (رپورٽر) ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين جي هدايت تي ڊپٽي ڊائريڪٽر آپريشنز ضلعي شڪارپور سعيد احمد ميمڻ جي اڳواڻي ۾ سنڌ فوڊ اٿارٽي شڪارپور جي ٽيم اسٽارٽ گنج روڊ شڪارپور تي هڪ ڪارروائي دوران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

بونير مان پهريون ڀيرو اقليتي عورت اليڪشن ۾ بيٺي آهي: سويرا پرڪاش



ڪي پي 25 بونير تان پيپلزپارٽي جي ٽڪيٽ تي سويرا پرڪاش چونڊ وڙهي رهي آهي

سويرا پرڪاش بونير ۾ پيپلزپارٽي جي عورت ونگ ۾ جنرل سيڪريٽري جي عهدي تي مقرر آهي

بونير (م د) بونير مان پهريون ڀيرو اقليتي عورت اليڪشن ۾ بيٺي آهي. جنهن جو ارادو آهي ته اليڪشن کٽي وٺنديس. ڪي پي جي صوبائي ٽڪ ڪي پي 25 بونير تان پيپلزپارٽي جي ٽڪيٽ تي سويرا پرڪاش چونڊ وڙهي رهي آهي. ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ايف بي آر ڊسمبر 2023ع دوران 1221 ارب رپيا ٽيڪس وصول ڪري ورتو

ڊسمبر تائين پهريون ڀيرو هڪ ٽريلن (هڪ هزار ارب) کان مٿي ٽيڪس گڏ ڪئي آهي

6 مهينن ۾ گڏ ڪيل ٽيڪس گذريل سال جي پهرين 6 ماهي کان 26.79 سيڪڙو وڌيڪ آهي

معيشت کي معاشي بحرانن مان ڪڍڻ لاءِ حڪومتي ڪوششن ۾ حصو وٺڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) لارجر ٽيڪس پيئرز آفيس ڪراچي پهريون ڀيرو جولاءِ کان ڊسمبر 2023ع دوران 1221 ارب رپيا ٽيڪس وصول ڪري رڪارڊ قائم ڪيو آهي. هلندڙ مالي سال جي پهرين 6 ماهي يعني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

پ پ 10 نقطن تي ٻڌل پنهنجو منشور عوام جي سامهون پيش ڪري ڇڏيو آهي: شهادت اعوان

حڪومت ناهن جا دعويدار ڊرائنگ روم مان ئي ٻاهر نه پيا نڪرن، اهي عوام وٽ وڃڻ کان گهٻرائي رهيا آهن

ڪجھ ماڻهو اليڪشن ملتوي ڪرڻ چاهين ٿا، اسان 8 فيبروري تي ئي صاف شفاف چونڊون ڪرڻ چاهيون ٿا

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي سينيٽر شهادت اعوان ۽ پلوشا خان چيو آهي ته پ پ پنهنجو 10 نقطن تي ٻڌل پنهنجو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پي ٽي آءِ اميدوارن جا ڪيترا نامزدگي ڪاغذ رد ٿيا؟ تفصيل سامهون اچي ويا

پي ٽي آءِ جي 1996 اميدوارن جا نامزدگي ڪاغذ منظور 624 اميدوارن جا ڪاغذ رد ٿيا

بلوچستان ۾ پي ٽي آءِ جي 39 اميدوارن مان 17 جا نامزدگي ڪاغذ رد ۽ 22 جا منظور ڪيا ويا

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ملڪ ۾ عام چونڊن لاءِ پاڪستان تحريڪ انصاف جي ڪل 2620 اميدوارن نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا. موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

سيٽ ايڊجسمينٽ، ن ليگ ۽ ق ليگ ۾ اينڊرڙ ڏينهن ۾ ملاقات جو امڪان

قومي جون 4 ۽ صوبائي اسيمبلي جون 8 ڪنيل سيٽن تي سيٽ ايڊجسمينٽ چاهي ٿي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) عام چونڊن ۾ سيٽ ايڊجسٽمينٽ تي مسلم ليگ ن ۽ ق ليگ جا اڳواڻ اينڊرڙ ڏينهن ۾ ملاقات ڪري سگهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ نيشنل پريس ڪلب تان بلوچ مظاهرين کي هٽائڻ کان روڪي ڇڏيو

پوليس پاران لاڳيتو حراسان ڪرڻ خلاف درخواست جي ٻڌڻي جسٽس محسن اختي ڪياني ڪئي

زبردستي اسان جي عورتن کي بسن جي ذريع واپس موڪلڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي: وڪيل

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس محسن اختر مظاهرين کي حراسان نه ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ نيشنل پريس ڪلب تان بلوچ مظاهرين کي هٽائڻ کان روڪڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا آهن. بلوچ مظاهرين اسلام آباد پوليس پاران لاڳيتو حراسان ڪرڻ خلاف درخواست جي ٻڌڻي جسٽس محسن اختي ڪياني ڪئي. پٽيشنر سمي الدين بلوچ پاران وڪيل عطاالله ڪندي عدالت ۾ پيش ٿيو وڪيل عطاالله ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اڳوڻي وزير سرتاج عزيز کي ايڇ ايٽ قبرستان ۾ دفنايو ويو، شاهد خاقان عباسي، ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري تنوير جنازي ۾ شريڪ

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اڳوڻي وزير سرتاج عزيز کي ايڇ ايٽ قبرستان ۾ دفنايو ويو اڳوڻي وزير سرتاج عزيز جي جنازي نماز ايڇ ايٽ قبرستان ۾ پڙهي وئي، جنهن ۾ سرتاج عزيز جي گهرڀاتين، مٽن مائٽن دوستن اڳوڻون وزيراعظم شاهد خاقان عباسي، ڊاڪٽر طارق فضل، چوڌري تنوير، شڪيل اعوان سميت ليگي اڳواڻ جڏهن ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

پي ٽي آءِ جي وڪيل نالي اڳيان "سردار" لکڻ تي چيف جسٽس پاران ڪاوڙ جو اظهار

فائز عيسيٰ پي ٽي آءِ جي وڪيل لطيف کوسي جي نالي اڳيان سردار لکڻ تي ڪاوڙجي پيو

سرداري نظام ختم ٿي چڪو آهي پ پ حڪومت سرداري نظام جي خاتمي لاءِ قانونسازي ڪئي

لطيف کوسي جا پٽ به سردار ٿي ويا آهن سردار، پيرءِ نواب جهڙا لفظ استعمال ڪرڻ جو سلسلو بند ٿيڻ گهرجي

اسلام آباد (م د) ليول پليئنگ فيلڊ ڪيس جي ٻڌڻي دوران تحريڪ انصاف جي وڪيل لطيف کوسي جي نالي اڳيان "سردار" لکڻ تي چيف جسٽس پاران ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ويو. ٻڌڻي دوران چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ طرفان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪراچي: ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب گلن جي فيسٽيول جي تياري جو جائزو وٺندي

پيپلزپارٽي هجهڙائي رکندڙ چونڊ نشانن تي اعتراض ڪندي اليڪشن ڪميشن کي خط لکيو ڇڏيو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان پيپلزپارٽي تير سان مشابهت رکندڙ چونڊ نشانن تي اعتراض اٿاريندي اليڪشن ڪميشن کي خط لکي ڇڏيو آهي. پيپلزپارٽي خط ۾ موقف اختيار ڪيو ته پينسل، پيچڪش، بال پوائنٽ ۽ ٽٽ برش جهڙا نشان تيرسان ملندڙ جلندڙ آهن ۽ هي نشان بيلٽ پيپر تي ووٽرز کي گمراهه ڪري سگهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

اسلام آباد: پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل نير حسين بخاري سان ملاقات وقت قومي اسيمبلي جي اقليتي سيٽ جي اميدوار راشد چوهاڻ جي نڪتل تصوير

اليڪشن ڪميشن فهميدا مرزا جا مخصوص سيٽ تي نامزدگي ڪاغذ رد ڪري ڇڏيا

اڳوڻي اسپيڪر ۽ وفاقي وزير فهميدا مرزا جا مخصوص سيٽ تي نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا

اسٽيٽ بئنڪ موقف اختيار ڪيو ته فهميدا مرزا جي ڪمپني باقيدار آهي، فهميدا مرزا ذاتي طور باقيدار ناهي: فيصلو

اليڪشن ڪميشن جي فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته فهميدا مرزا تي آئين جي آرٽيڪل 63 ون اين لاڳو ٿئي ٿو: ذريعن جي دعويٰ

ڪراچي (رپورٽر) اليڪشن ڪميشن قومي اسيمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر ۽ وفاقي وزير فهميدا مرزا جا مخصوص سيٽ تي نامزدگي ڪاغذ رد ڪري ڪيس نااهل قرار ڏئي ڇڏيو صوبائي اليڪشن ڪميشن لکت ۾ فيصلو جاري ڪندي فهميدا مرزا جا مخصوص سيٽ تي نامزدگي ڪاغذ رد ڪري ڇڏيا ۽ ڪيس اليڪشن لاءِ نااهل قرار ڏئي ڇڏيو فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

پي ٽي آءِ باني ۽ فواد چوڌري رٿابندي سان توهين آميز مهم جو سلسلو شروع ڪيو: چارج شيٽ

ڪيترائي ڀيرا اليڪشن ڪميشن ۽ سربراهه جي خلاف تعصب تي ٻڌل تضحيڪ آميز زبان استعمال ڪئي

جوابدان 18 جولاءِ ۽ 27 جولاءِ تي عوامي جلسن ۾ اليڪشن ڪميشن ۽ سربراهه تي من گهڙت الزام لڳايا

سپريم ڪورٽ جي آبزرويشن جي تحت اليڪشن ڪميشن جوابدارن جي خلاف ڪارروائي جو مجاز آهي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) توهين اليڪشن ڪميشن ڪيس ۾ پي ٽي آءِ باني ۽ فواد چوڌري تي عائد چارج شيٽ سامهون اچي وئي آهي، جنهن مطابق پي ٽي آءِ باني ۽ فواد چوڌري 2022ع ۾ اليڪشن ڪميشن جي خلاف رٿابندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

حڪومت ڪراچي وارن کي وري بجليءَ جو جهٽڪو ڏئي ڇڏيو

کي اليڪٽرڪ جي ٽيرف ۾ 2 روپيا 87 پئسا في يونٽ واڌ ڪئي وئي

بجليءَ جي قيمت ۾ واڌ جنوري کان مارچ 2023ع جي ايڊجسٽمينٽ لاءِ ڪئي وئي

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگوليٽري اٿارٽي (نيپرا) ڪراچي واسين لاءِ بجلي وڌيڪ مهانگي ڪري ڇڏي. ٽي ماهي ايڊجسٽمينٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

پاڪستان ملڪن ۾ پوليو ذميوار افغانستان کي قرار ڏئي ڇڏيو

افغانستان لاڳيتو ماحولياتي نمونا اسان جي آبادي ۾ ڦهلائي رهيو آهي

ٻارڙن کي پوليو جو مرض ٿي سگهي ٿو جتي به امپيونٽي گيپ هوندو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان ملڪ ۾ پوليو ڪيسن جو ذميوار افغانستان کي قرار ڏئي ڇڏيو. صحت جي نگران وفاقي وزير نديم جان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سياسي پارٽين جا چونڊ نشان واپس وٺڻ بابت اليڪشن ايڪٽ هاءِ ڪورٽ ۾ چيلينج

215 جي خلاف درخواست تحريڪ انصاف جي اميدوار اظهر صديق پاران داخل ڪئي وئي

چونڊ نشان نه پر صرف سياسي پارٽي جو هوندو آهي. پر اميدوار ۽ ووٽر جو به هوندو آهي

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سياسي پارٽين جا چونڊ نشان واپس وٺڻ بابت اليڪشن ايڪٽ جي سيڪشن 215 کي لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ چيلينج ڪيو ويو. اليڪشن ايڪٽ جي سيڪشن 215 جي خلاف درخواست تحريڪ انصاف جي اميدوار اظهر صديق پاران داخل ڪئي وئي. درخواست ۾ اليڪشن ڪميشن ۽ وفاق حڪومت کي ڌر بڻايو ويو آهي. درخواست گذار موقف ڏنو ويو آهي ته اليڪشن ايڪٽ 215 ۽ آئين جي آرٽيڪل 17 سان ٽڪراءُ آهي. چونڊ نشان نه پر صرف سياسي پارٽي جو هوندو آهي پر اميدوار ۽ ووٽر جو به هوندو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

فنڪشنل ليگ هاوس ڪلفٽن ۾ جي ڊي اي جي چيف ڪوآرڊينيٽر سيد صدرالدين شاهه راشدي جي صدارت ۾ ٿيو

ڪراچي (م د) گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس (جي ڊي اي) جي پارلياماني بورڊ ۽ ڪور ڪميٽي جو اهم اجلاس فنڪشنل ليگ هاوس ڪلفٽن ۾ جي ڊي اي جي چيف ڪوآرڊينيٽر سيد صدرالدين شاهه راشدي جي صدارت ۾ ٿيو اجلاس ۾ ٽن اڳوڻن وڏن وزيرن، اڳوڻن اسيمبلي ميمبرن ۽ قومپرست اڳواڻن شرڪت ڪئي. اجلاس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير عتيق احمد ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

يونين ڪميٽين ۾ ٽرانزيشن پريڊ ختم نه ٿيڻ خلاف درخواست تي 11 جنوري لاءِ نوٽيس جاري

جماعت اسلامي پاران يونين ڪميٽين ۾ ٽرانزيشن پريڊ ختم نه ٿيڻ جي خلاف جواب گهري ورتو

يونين ڪميٽين کي پئسا ٽرانسفر ٿي چڪا پر استعمال ڪرڻ لاءِ سائيننگ اٿارٽي نه ڏني وئي: موقف

ڪراچي (م د) سنڌ هاءِ ڪورٽ يونينيٽي ڪاميٽين ۾ ٽرانزيشن پريڊ ختم نه ٿيڻ خلاف درخواست تي لاڳاپيل ڌرين کي 11 جنوري لاءِ نوٽيس جاري ڪندي جواب گهري ورتو. اربع تي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ جماعت اسلامي پاران يونين ڪميٽين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

ميونسپل ڪمشنر ڪي ايم سي ملڪيتن تي سياسي مشهوري تي پابندي جو مطالبو ڪري ڇڏيو

ڪي ايم سي ملڪيت تي سياسي پارٽين جي مشهوري تي پابندي لڳائي وڃي: ميونسپل ڪمشنر افضل زيدي

سياسي پارٽيون ميونسپل انفرااسٽيڪچر کي سياسي مقصد لاءِ استعمال ڪري رهيون آهن، عملدار قدم کڻن

ڪراچي (م د) ميونسپل ڪمشنر افضل زيدي عام چونڊن کان اڳ ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

اسلام آباد: وزيراعظم جو معاون حافظ طاهر اشرفي گڏيل قومن جي سفير سان ملاقات ڪندي

ڪي ايم سي جي نوٽيس جي خلاف متاثرن جو سنڌ هاءِ ڪورٽ جو مرڪزي گيٽ تي مظاهرو

نوٽيس خلاف بنگالي پاڙي جي متاثر سنڌ هاءِ ڪورٽ جي مرڪزي گيٽ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو

بنگالي پاڙو ايف بي ايريا جي رهواسين کي ڪي ايم سي 7 ڏينهن ۾ علائقو خالي ڪرڻ جو نوٽيس ڏئي ڇڏيو

ڪراچي (م د) ايف بي ايريا بلاڪ 5 رحمان آباد ۾ پارڪ زمين تي قائم گهرن کي خالي ڪرڻ جي ڪي ايم سي نوٽيس جي خلاف بنگالي پاڙي جي متاثر سنڌ هاءِ ڪورٽ جي مرڪزي گيٽ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهرو ڪندڙن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 34

هوائي فائرنگ سان 9 ورهين جي ٻارڙي جي زخمي ٿيڻ جي ڪيس ۾ جوابدار جيل حوالي

زخمي ٿيڻ جي ڪيس ۾ جوابدارن کي 2 ڏينهن جي جسماني رمانڊ تي پوليس حوالي ڪيا ويا

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) جوڊيشنل مئجسٽريٽ اولهه جي عدالت نئين سال تي هوائي فائرنگ ۾ 9 سالن جي ٻارڙن جي زخمي ٿيڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ملير ۾ اينٽي وائلينٽ ڪرائيم سيل جي حساس اداري سان گڏ ڪارروائي، اغوا ٿيل واپاري بازياب

پينس ڪالوني ۾ اينٽي وائلينٽ ڪرائيم سيل ۽ حساس اداري جي ڪارروائي بعد واپاري حارث بازياب

جوابدارن گڏاپ مان واپاري حارث کي اغوا ڪرڻ بعد پينس ڪالوني ۾ گهر جي ٽينڪي ۾ اندر رکيو هو: پوليس

اغوا ۾ استعمال ٿيندڙ گاڏي، 2 پسٽل، ڪلاشنڪوف ۽ 2 هينڊ گرنيڊ سميت 19 لک روپيا روڪ هٿ ڪيا ويا

ڪراچي (م د) ڪراچي ۾ پنگ لاءِ مغوي تاجر جو ڪن ڪپينڊڙ 2 اغوا ڪندڙن کي گرفتار ڪيو ويو مغوي 88 پنگ وٺي مغوي تاجر کي ڇڏي ڏنو هو خبر موجب اي وي سي سي ۽ وفاقي حساس اداري جي اهلڪارن پينس ڪالوني ۾ ڇاپو هڻي گڏاپ مان تاجر کي اغوا ڪندڙ 2 ڌوهارين کي گرفتار ڪري ورتو ايس پي اي وي سي ظفر صديق ٻڌايو ته ڌوهارين مغوي تاجر کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ٽنون ڪوٽ : پ پ جي باغي اڳواڻ سيد علي نواز شاهه چونڊ سرگرميون شروع ڪري ڇڏيون

اڳوڻي ايم اين اي سيد علي نواز شاهه تعلقي ڏگهڙي تعلقي جهڏو ۽ پنهنجون چونڊ سرگرميون شروع ڪندي شروع ڪري ڇڏيا

ڏگهڙي، ٽنڊو جان محمد، جهڏو، ڳوٺ ٻهلاج ڪولهي، ڳوٺ ميرجان محمد، ڳوٺ گل محمد جوڻيجو ۽ تعزيتون ڪيون

مون پنهنجي سياسي ڪيريئر ۾ جيڪا عوام جي خدمت ڪئي آهي، ڪامياب ٿي عوام جي خدمت ڪندس : سيد علي نواز شاهه

ٽنون ڪوٽ (رپورٽر) اليڪشن ڪميشن پاران 8 فيبروري تي ٿيندڙ چونڊن جي اعلان کان پوءِ ضلعي ميرپورخاص جي چونڊن لاءِ اين اي 212 ميرپورخاص 2 تي آزاد اميدوار طور اليڪشن پ پ جي باغي اڳواڻ سيد علي نواز شاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٽنون ڪوٽ : سيد علي نواز شاهه ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

نواب ولي محمد : اليڪشن ويجهو اينديءَ ئي سياسي سرگرميون تيز ٿي ويون

نواب ولي محمد (رپورٽر) اليڪشن ويجهو اينديءَ ئي سياسي سرگرميون تيز ٿي ويو نواب ولي محمد ۾ پ پ اڳواڻ محمد هاشم چانڊيو پاران گهرايل ڪارنر گڏجاڻي ۾ پي ايس 39 تي ايم پي اي جو فارم ڀرائيندڙ اڳوڻي ايم پي اي ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي اڳواڻ ڊاڪٽر بهادر ڏاهري پاران مختلف برادرين رند، ڪوسا ،ماڇي ،خاصخيلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

لاڙڪاڻو : دعوت اسلامي جي دارالمدينه انٽرنيشنل يونيورسٽي جو افتتاح

حڪومت پاڪستان دارالمدينه انٽرنيشنل يونيورسٽي جي ٻهين ڪئمپس جي منظوري ڏئي ڇڏي

داخلائون جو اعلان جلد ئي يونيورسٽي جي ويب سائيٽ تي ڪيو ويندو : اڳواڻ

لاڙڪاڻو (رپورٽر) دعوت اسلامي جي دارالمدينه انٽرنيشنل يونيورسٽي جو افتتاح ڪيو ويو. پاڪستان دارالمدينه انٽرنيشنل يونيورسٽي جي ٻهين ڪئمپس جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. داخلائون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

پوليو هڪ موذي مرض آهي : شيراز علي خان بجاراڻي

سموري ڪشمور ضلعي اندر انهيءَ جي خاتمي لاءِ گڏيل ڪوشش جي ضرورت آهي

قومي مهم دوران پوليو ٽيمن کي هر طرح جو سهڪار فراهم ڪيو وڃي

غوثپور (عبدالغني ملڪ) مير شيراز علي خان بجاراڻي ميڊيا اڳيان وڌيڪ ٻڌايو ته پوليو هڪ موذي مرض آهي. سموري ڪشمور ضلعي اندر انهيءَ جي خاتمي لاءِ گڏيل ڪوشش جي ضرورت آهي ته جيئن هن مرض جو مڪمل خاتمو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

غوثپور : پوليو مهم جو آغاز ڪيو پيو وڃي

نوشهروفيروز ۾ بزم روح رهاڻ جي باني حميد سنڌي جي چوٿين ورسي

حميد سنڌي هڪ بهترين ۽ شفيق انسان هو جنهن جي ڪهاڻين کي وڏي اوج ملي : اڳواڻ

حميد سنڌي جهڙا انمول ماڻهو جيڪي علم ۽ ادب جو ذخيرو ڇڏي ويا انهن مان پرائڻ گهرجي

حميد سنڌي علم ادب جو پارکو هو، تنهنڪري ڪيس نينڊن کان نئي ڪتابن جي گلابن جو ڳڻيا نصيب ٿيو

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) سنڌ جي مهر جي تعارن سان نيشنل پريس بزم روح رهاڻ جي باني حميد سنڌي جي چوٿين ورسي نوشهرو فيروز پاران سنڌي ادبي سنگت شاخ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهروفيروز : تقريب دوران اڳواڻ ڪتاب ڏئي رهيا آهن

سوپوديرو ۾ باٿر نيڪيدار امداد منگي هاءِ ڪورٽ جي حڪم کي ٿڏي ڇڏيو

سوپوديرو (رپورٽر) ڪريٽ باٿر نيڪيدار امداد منگي هاءِ ڪورٽ جي حڪم کي ٿڏي ڇڏيو، ديهات کان روڊ جو ناقص ڪم جاري سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي خيرپور لاڙڪاڻو پل کان خانواهڻ تائين ٺهندڙ روڊ جي ڪريٽ راشي باٿر نيڪيدار امداد منگي ڪورٽ سکوري جي حڪم باوجود ديهات کان هلندڙ ڪم ۾ ٻه نمبري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ٽنڊو آدم ۾ سدا بهار شخصيت عبدالرزاق سنڌي جي جنم ڏينهن تي تقريب

پاجوا ريسٽورينٽ تي پرجوش سانجهاندي جو بندوبست ڪري سالگرهه ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويو

ايڊوڪيٽ خادم علي جمالي، سلطان خاصخيلي، پٽائي آرٽ ڪائونسل جي عبدالستار ساند ۽ ٻين جي شرڪت

ٽنڊو آدم (رپورٽر) عوامي پريس ڪلب جي پياري ۽ سدا بهار شخصيت عبدالرزاق سنڌي جي جنم ڏينهن جي موقعي تي جي ايم ڪنسٽرڪشن ڪمپني جي مالڪ جي ايم خاصخيلي ۽ عوامي پريس ڪلب جي صدر سلطان خاصخيلي پاران دوستن جي مان ۾ پاجوا ريسٽورينٽ ٽنڊوآدم تي پرجوش سانجهاندي جو بندوبست ڪيو ويو ۽ سالگره ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويو ان موقعي تي ايڊوڪيٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٺٽي ۾ مختلف جماعتن پاران پنهنجا نامينيشن پيپر رد ٿيڻ خلاف اليڪشن ٽربيونل ۾ اپيل داخل

ايس ٽي پي اميدوار عمر ناهيو، ايم ڪيو ايم جي اميدوارن سراج الدين، رياض ميربحر وحيد رند ۽ آزاد اميدوار زين شاهه پاران اپيل داخل ڪرائي وئي

قومي تڪ اين اي 225 تان نامزدگي فارم رد ٿيڻ خلاف پي ٽي آءِ اميدوار ارسلان بروهي پڻ نامزدگي فارمن جي بحالي لاءِ درخواست داخل ڪرائي ڇڏي

اليڪشن ٽربيونل ڪراچي ۾ وڪيلن جي پئنل ايڊووڪيٽ ثناءُ الله سومرو آفتاب ميمڻ قربان هالو ۽ ٻين پاران سندن اپيلون داخل ڪرايون ويون

ٺٽو (رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ) پي ٽي آئي ۽ ايم ڪي ايم جي اميدوارن سميت مختلف جماعتن پاران پنهنجا نامينيشن پيپر رد ٿيڻ خلاف اليڪشن ٽربيونل ۾ اپيل داخل ڪري ڇڏي ٺٽي جي صوبائي تڪ پي ايس 75 تان نامزدگي فارم رد ٿيڻ خلاف پ پ اڳواڻ پير رحماني عبدالحميد سومرو پي ٽي آئي اميدوار امجد شاهه ۽ ارسلان بروهي پاران اليڪشن ٽربيونل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٺٽو : مختلف جماعتن جا اميدوار ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

اوٻاوڙو ۾ نوجوان ۽ چاچي پاران ڪنيڙا پوليس خلاف احتجاج

اوٻاوڙو (رپورٽر) هڪ هفتو اڳ ڪنيڙا ٿاڻي جي حد مريد شاخ پرسان ماڇڪو روڊ تان ڪمند سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالي جي ڊرائيور امان مزاري جو لاش برآمد ٿيو هو پوليس موجب نوجوان روڊ حادثي سبب فوت ٿيو آهي، جڏهن ته نوجوان جي چاچي قمرالدين مزاري پريس ڪلب مريد شاخ ٻهچي پوليس تي ڪمزور جاچ ڪرڻ جو الزام مڙهيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

جوابدارن کي سزا ڏيارڻ تائين ماٺ نه ڪندس : زبير شاهه

جوابدار ڪيس سان هٿ نه کڻڻ تي مارڻ جون ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن

جوابدارن خلاف ڪاروائي ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي

بدين (رپورٽر) ٽنڊو شهر جي تڪ تاڪر سان زيادتي وارو معاملو. جوابدار ڪيس سان هٿ نه کڻڻ تي مارڻ جون ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن . جوابدارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٺٽي ضلعي جي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ 12 ڪلاڪ بجلي بند

بجلي جي مبينا مرمتي ڪم سبب ٺٽي جو عوام پاڻي ۽ بجلي کان محروم

آبپاشي کاتي پاران واهن جي صفائي جي نالي تي پاڻي جي بندش جو سلسلو جاري

ٺٽو (د ر) ضلعي ٺٽي سميت سنڌ پاڪستان جو واحد صوبو جتي واپڊا حيسڪو اختيارين پاران ٺٽي ضلعي جي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ٿيندڙ 12 ڪلاڪ اعلانيل ۽ فالٽس سبب 12 ڪلاڪن کان علاوه تقريبن 20 ڪلاڪ ٿيندڙ غيراعلانيل ڪاٽڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سيوهڻ پرسان ڪانگو وائرس کان بچاءُ بابت معلوماتي ڪئمپ لڳائي وئي

ڄامشورو فوڪل پرسن ڊاڪٽر رياض احمد چنا ۽ ٻين ڊاڪٽرن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

ڪئمپ دوران ڳوٺاڻن پاران آيل مهمانن کي سنڌي اجرڪ جا تحفا پارايا ويا

سيوهڻ شريف (رپورٽر) سيوهڻ تعلقي جي ڳوٺ محمد هارون ٽالپر ۾ رائزنگ سن آرگنائيزيشن ضلع ڄامشورو پاران ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ اينيمل هسبنڊري ضلع ڄامشورو ڊاڪٽر نظام الدين جمالي جي سهڪار سان سيوهڻ تعلقي جي يونين ڪائونسل آراضي جي ڳوٺ محمد هارون ٽالپر ۾ رئيس ذوالفقار ٽالپر جي اوطاق تي ڪانگو وائرس کان بچاءُ جي لاءِ ويڪسينيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

شڪارپور ۾ 12 ٻارن جي پيرسن عورت جو ڏيرن ۽ ٻارن سان گڏ پائرن جي ظلم خلاف احتجاج

ڪوٽ ٽلو ڀهوڙ واسڻ 12 ٻارن جي ماءُ پيرسن بيواهه مسمات نازل خاتون شيخ پنهنجن پٽن سميت احتجاج ڪيو

منهنجا پائرن ۽ سندن پٽ گلشير، امداد، نادر، ٻهرام، عابد، غلام شبير، غلام حسين ۽ ٻيا جان جا ويري بڻجي ويا آهن : عورت

معاملي جو نوٽيس وٺي جان جا ويري بڻيل جوابدار پائرن ۽ سندن پٽن کي گرفتار ڪري سندس زندگي بچائي وڃي

شڪارپور (د ر) شڪارپور ۾ 12 ٻارن جي پيرسن عورت جو ڏيرن ۽ ٻارن سان گڏ پائرن جي ظلم خلاف ايس ايس پي آفيس ۽ پريس ڪلب آڏو احتجاج. تفصيل موجب: شڪارپور جي ٿاڻي ڪوٽ ٽلو ڀهوڙ واسڻ 12 ٻارن جي ماءُ پيرسن بيواهه مسمات نازل خاتون شيخ پنهنجن پٽن شاهد، واحد، ذوالفقار، ساجد، عمران، راشد ۽ ڌيئر امير خاتون، حضوران، شاهدان، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

شڪارپور : پيرسن عورت پائرن خلاف احتجاج ڪري رهي آهي

ڏوڪري : ڊسمبر ۾ ٿڌ نه هجڻ جي شڪايت ڪندڙ جنوري اينديءَ ئي ڪمبل ۽ سوڙن ۾ لڪي ويا

ڏوڪري (رپورٽر شهباز ڪولاچي) ڊسمبر ۾ ٿڌ نه هجڻ جي شڪايت ڪندڙ جنوري اينديءَ ئي ڪمبل ۽ سوڙن ۾ لڪي ويا، جنوري ۾ ٿڌ جي وڌڻ ۽ ڪوهيڙي سبب بازارون خالي ٿي ويون، دوڪاندار دوڪانن جي آڏو باهه ٻاري ويهڻ تي مجبور، بجلي ۽ گيس جي لوڊشيڊنگ سبب ماڻهو صبح جو چانهه ۽ ماني کائڻ لاءِ به پريشان ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهروفيروز ۾ سماجي ورڪر لالا موسيٰ خان جي سالگرهه ملهائي وئي

لالا موسيٰ خان سان اهڙن ئي جذبن جو تعلق ۽ رشتو رهيو آهي : اعجاز ممنائي ۽ ٻيا

شال بهارون ڪانئس الڳ نه ٿين ۽ سندس زندگيءَ کي رب پاڪ خوشين سان مالا مال ڪري

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) هيلٿ پروفيشنل پيراميڊيڪس ايسوسيئيشن يونٽ سول اسپتال نوشهروفيروز جي اڳواڻ ۽ سماجي ورڪر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

نوشهروفيروز : سالگرهه تقريب دوران ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي

اسان مطالبو ٿا ڪيون ته اليڪشن ڪرائي وڃي : انڊس ٽائون واسي

عمران سپريو بغير اليڪشن جي ڳوٺ جو صدر ٿيو ويٺو آهي هر مهيني چار ڪان پنج لک اوڳاڙي ڪري ٿو

ڳوٺ ۾ تقريبن هزار جي لڳ ڀڳ گهر آباد آهن هر گهر کان پنج سؤ مهيني جا ورتا پيا وڃن جيڪا سراسر ناانصافي زيادتي آهي

هن ڳوٺ ۾ نه صفائي نه سترائي نه گيس هر پلاٽ جي ٽرانسفر فائيل جا ڏهه ڪان پندرهن هزار ورتا پيا وڃن

ڪراچي (رپورٽر) هزار جي لڳ ڀڳ گهر آهن هر گهر کان پنج سؤ روپيه مينٽيننس جي نالي تي ورتا پيا وڃن پر ڪم زيرو. عمران سپريو بغير اليڪشن جي ڳوٺ جو صدر ٿيو ويٺو آهي هر مهيني چار ڪان پنج لک اوڳاڙي ڪري ٿو غيور چند، انڊس ٽائون جي رهواسين انڊس وليج جي موجوده صدر خلاف اولهه پريس ڪلب تي پريس ڪانفرنس ڪئي تفصيل موجب: ڪراچي نادرن بائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سڪرنڊ ۾ چوهاڻ برادريءَ جي ٽن نوجوانن کي ڪنبي گم ڪرڻ خلاف احتجاج جاري

پاڪستان چوهاڻ اتحاد پاران حاجي قربان علي چوهاڻ، ٻڍل چوهاڻ، غلام مصطفيٰ چوهاڻ ۽ غلام علي چوهاڻ جي اڳواڻيءَ ۾ احتجاج ڪيو ويو

پوليس ٽن نوجوانن هر هڪ اڪرم علي چوهاڻ، عبدالغفار چوهاڻ ۽ عباس علي چوهاڻ کي سندن دڪانن تا گرفتار ڪري ڪٺي وئي آهي

جيسيڪو اسان جي ٻي ڏوهي نوجوانن کي آزاد ڪري متن داخل ڪرڙا ڪيس ختم نه ڪيا ويا ته احتجاج جي دائري کي وڌايو ويندو

سڪرنڊ (رپورٽر) چوهاڻ برادريءَ جي ٽن نوجوانن کي سڪرنڊ پوليس پاران مبينه طور ڪنبي گم ڪرڻ خلاف پاڪستان چوهاڻ اتحاد پاران حاجي قربان علي چوهاڻ، ٻڍل چوهاڻ، غلام مصطفيٰ چوهاڻ ۽ غلام علي چوهاڻ جي اڳواڻيءَ ۾ سڪرنڊ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي هنن الزام مڙهيندي چيو ته سڪرنڊ پوليس سندن برادريءَ جي ٽن نوجوانن هر هڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سکر : ٿڌ ۾ اضافي باوجود مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج 92 ڏينهن به جاري

سول سوسائٽي جي شرڪت، سنڌ سرڪار يا عدليه ڪوبه نوٽيس نه ورتو، پوليس طاقتور ۽ بااثر اغوا ڪندڙن ظالمن ۾ هٿ نه وجهو

انساني حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ ڊاڪٽر نذير کوکر جي اڳواڻي ۾ زبردست ٿڌ وڌڻ باوجود 92 ڏينهن کان جاري احتجاج ڪيو

معاملي جو نوٽيس وٺي اغوا ڪيل معصوم نياڻي پريا ڪماري کي سنگرار جي سردار ۽ علي اصغر منگريو ۽ ٻين کي بازياب ڪرايو وڃي : اڳواڻ

سکر (بيوروپورٽ) سکر : ٿڌ ۾ زبردست اضافي باوجود مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج 92 ڏينهن به جاري، سول سوسائٽي جي شرڪت، سنڌ سرڪار يا عدليه ڪوبه نوٽيس نه ورتو پوليس طاقتور ۽ بااثر اغوا ڪندڙن ظالمن ۾ هٿ نه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سکر : مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

لاڙڪاڻي ۾ المهاجرين بئريسٽر جان محمد جوڻيجي جي 136 هين سالگرهه تقريب

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ بئريسٽر جان محمد جوڻيجو يادگار ڪاميٽي پاران سنڌ جي ڀهڳشي انسان، قومي ڪارڪن، رئيس المجاهدين ۽ رئيس المهاجرين بئريسٽر جان محمد جوڻيجي جي 136 هين سالگرهه جي موقعي تي سندس رهائشگاهه تي شاندار تقريب ڪوٺائي ڪيڪ ڪاٽيو ويو، جنهن تقريب ۾ آغاز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نوشهروفيروز پرسان ٽن ڏينهن واري مفت اکين جي ڪئمپ جاري

پريارود ۽ ڪاهي ممن ۾ او پي ڊي ڪئي وئي، مريضن جا آپريشن ڪيا ويا

اسان اکين ۾ موتئي جي مرض ۾ مبتلا سمورن مريضن جو آپريشن ڪري رهيا آهيون : ڊاڪٽر

نوشهرو فيروز (رپورٽر) يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت ڪاهي ممن پاران ٽن ڏينهن واري مفت اکين جي ڪئمپ تي پريارود ۽ ڪاهي ممن ۾ او پي ڊي ڪئي وئي، جتي 700 کان وڌيڪ مريضن جا آپريشن ڪيا ويا ان موقعي تي ڪئمپ جي اڳواڻن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

پولنگ اسٽيشنون ڳوٺ جي ريجهن هنڌن تي قائم ڪيون وڃن : ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز

جتي اسڪول جي عمارت زبون آهي، انکي تبديل ڪري مناسب جڳهه تي قائم ڪيو وڃي

اعتراض مليا آهن، انهن پولنگ اسٽيشنن جي تصديق جو عمل مڪمل ڪيو وڃي

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر ۽ ضلعي رٽرننگ آفيسر نوشهروفيروز محمد ارسلان سليم اڄ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ۽ رٽرننگ آفيسر اعجاز علي هاليپوٽو سان گڏ مورو پرسان مختلف پولنگ اسٽيشنن جو معائنو ڪيو، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

نوشهروفيروز : ڊپٽي ڪمشنر دورو ڪري رهيو آهي

ٺٽو سول اسپتال جي اضافي چارجون رکندڙ چئن سپروائيزرن استيعفائون ڏئي ڇڏيون

مرف انتظاميه جو رويو ملازمن سان بهتر ناهي، جنهن وٽ اسان ڪم نٿا ڪري سگهون : سپروائيزر

اسان صحت کاتي جي سمورن سرڪاري ملازمن سان گڏ آهيون، هو جيڪو فيصلو ڪندا اسان گڏ آهيون

ناانصافين جو ازالو ڪرائي ٽيل ڪرپشن جي جانچ ڪرائي ملوثن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي

ٺٽو (د ر) صحت کاتي ٺٽي جي ملازمن جي مسئلن جي حل لاءِ جوئيل جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي سول اسپتال ٺٽو پاران ڪالهه ڪيل هنگامي اجلاس ۾ مرف اين جي اوز جي انتظاميه پاران ٺٽو ملازمن سان ڪيل ناانصافين ٽوڙي گڏريل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٺٽو : سول اسپتال جا ملازم احتجاج ڪري رهيا آهن

لاڙڪاڻي ۾ سخت سرديءَ ۽ ڪوهيڙي 50 سالا تاريخ ٿڌ سرد هوائون جو رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيو

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ سخت سرديءَ ۽ ڪوهيڙي 50 سالا تاريخ ٿڌ سرد هوائون جو رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيو، بي انتها سردين جي ڪري ماڻهو گهرن تائين محدود بڻجي ويا، اڪثر والدين پنهنجي اولاد کي اسڪولن وٺي وڃڻ بدران گهرن ۾ سرديءَ کان بچائڻ لاءِ رکي ڇڏيو، ٻئي طرف تعليمي ادارن پرائمري، مڊل ۽ هائير سيڪنڊري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

روهڙي ۽ پرپاسي واري علائقن ۾ وڌندڙ بدامني خلاف احتجاج جاري

شهري اتحاد روهڙي پاران چبوترا چوڪ کان لالا شهزادا چوڪ تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

شهر ۾ وڌندڙ بدامنيءَ جي ڪري ماڻهو پنهنجو ڪاروبار نٿا ڪري سگهن : مظاهرين جون دانهون

هٿياربند هرداس مل بجاج جي گهر اندر داخل ٿي گهرڀاتين کي يرغمال بڻائي سونا زيور ۽ ڏاڙو هٽي باآساني فرار ٿي ويا

روهڙي (رپورٽر) روهڙي شهر ۽ پرپاسي واري علائقن ۾ وڌندڙ بدامني ۽ بگڙيل صورتحال خلاف شهري اتحاد روهڙي پاران چبوترا چوڪ کان لالا شهزادا چوڪ تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ريلي ۾ شهرين، تاجرن، وڪيلن ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري نعريبازي ڪئي. احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي شهري اتحاد روهڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

مٺياڻي ۾ امن جو پڪي اڏامي ويو، هڪ رات ٽن چورين جون وارداتون

چور يار محمد شيخ جي دڪان جي ڇت ٽوڙي دڪان مان هزارين رپيين جو سامان چوري ڪري ويا

چور فريد احمد جت جون ٻه ٻڪريون ۽ رنواز خان جون ٽي سولر پليٽون لاهي چوري ڪري ويا

مٺياڻي (رپورٽر) مٺياڻي ۾ امن جو پکي اڏامي ويو، هڪ رات ٽن چورين جون وارداتون. ٿاڻي جي چند قدمن تي چورن يار محمد شيخ جي دڪان جي ڇت ٽوڙي دڪان مان هزارين رپيين جو سامان چوري ڪري ويا، هوڏانهن چور فريد احمد جت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٺٽي ۽ مڪلي جي مڪاني ۾ ڪتا مارڻ جي مهم شروع نه ٿي سگهي

خونخوار ۽ خارش جهڙي بيماري ۾ ورتل ڪتن جي انگ ڏينهون ڏينهن واڌ ٿيڻ لڳي

پوسٽ آفس سامهون ٻن ڇوڪرن تي ڪتن جي ٽولي جو حملو، رهواسين ڇوڪرن کي بچائي ورتو

شڪايتن باوجود مڪاني ادارن يا ضلعي انتظاميا پاران ڪو به نوٽيس نه ٿو ورتو وڃي : رهواسي

ٺٽو (رپورٽ جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي ۽ مڪلي جي مڪاني ادارن پاران ڪتا مارڻ جي مهم شروع نه ٿي سگهي، خونخوار ۽ خارش جهڙي بيماري ۾ ورتل ڪتن جي انگ ڏينهون ڏينهن واڌ ٿيڻ لڳي، مڪلي پوسٽ آفس سامهون ٻن ڇوڪرن تي ڪتن جي ٽولي جو حملو، مقامي رهواسين ڇوڪرن کي بچائي ورتو هيڊڪوارٽر ٺٽي ۽ مڪلي ۾ خطرناڪ خونخوار ۽ خارش وارا ڪتا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

خانپور مهر ۽ پرپاسي جي علائقن ۾ بدامني چوٽ چڙهيل

چور ڪرياني جي دڪان کي ڪاٽ هڻي ڪرياني جو سامان ۽ هزارين روپيه ڪيش رقم کڻي فرار

چورن جا پيرا کڻي ويل 9 ڳوٺاڻا سونهاڄڙو بوزدار ۾ يرغمال، پوليس پهچي يرغمالين کي آزاد ڪرائي ورتو

يرغمالي ڳوٺاڻن کي آزاد ڪرائي گهر روانو ڪيو ويو وڌيڪ معاملي جي جاچ ڪري رهيا آهيون : ڊي ايس پي

خانپور مهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپور مهر ۽ پرپاسي جي علائقن ۾ بدامني چوٽ چڙهيل. چور ڪرياني جي دڪان کي ڪاٽ هڻي ڪرياني جو سامان ۽ هزارين روپيه ڪيش رقم کڻي فرار، خانپور مهر لڳ چورن جا پيرا کڻي ويل 9 ڳوٺاڻا سونهاڄڙو بوزدار ۾ يرغمال. پوليس پهچي يرغمالين کي آزاد ڪرائي گهر روانو ڪري ڇڏيو، خبر موجب خانپور مهر خانپور مهر ۽ پرپاسي جي علائقن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

خانپور مهر : پوليس هٿان بازياب ڪرايل ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

نيوسعيدآباد جي وچ شهر ۾ نامعلوم چابي چور موٽر سائيڪل ڪاهي فرار ٿي ويا

نيو سعيدآباد (رپورٽر) نيوسعيدآباد جي وچ شهر ۾ نامعلوم چابي چور، علي رضا رحمت قائم خاني جي ون ٽو فائيو موٽرسائيڪل چابي هڻي ڪاهي فرار ٿي ويا، ياد رهي ته علي رضا رحمت قائم خاني کان 20 ڏينهن ٻهرين به قيمتي موبائل فون نامعلوم موٽر سائيڪل سوار ڦر ڪري فرار ٿي ويا هئا جنهن جي اڄ ڏينهن تائين خبر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

جيڪب آباد شهر ۾ گونگن ۽ ٻوڙن پاران احتجاج

اسان جا اسڪول بند ڪري تعليم کان محروم ڪيو ويو آهي : مظاهرين

اسان جا به مطالبا آهن ضلع انتظاميان ۽ نگران حڪومت کان اسان کي نوڪري ڏني وڃي

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد شهر ۾ گونگن ۽ ٻوڙن جي پاران پنهنجي حقن لاءِ ڊي سي گيٽ ٻيڙي چوڪ تي حسين بخش مينگل جي قيادت ۾ احتجاج ڪيو ويو. گونگن جو چوڻ آهي ته اسان جا حق 2021 کان نٿا ملن ۽ اسان جا اسڪول بند /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

نواب ولي محمد جيبوائز هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ تقريب منعقد

ڇهه ماهي امتحانن ۾ پوزيشن کڻندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي مڃتا سرٽيفڪيٽ سان نوازيو ويو

محمد سليم پٽي جي حڪم تحت 6 ڪلاس کان ذهين ڪلاس جي شاگردن ۽ شاگردياڻين کان امتحان ورتا ويا

پوزيشن کڻندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين حسنين رند، مهتاب پنهور، ظفر علي مري، بينظير چانڊيو سميت ٻين کي ايوارڊ ڏنو ويو

نواب ولي محمد (رپورٽر) نواب ولي محمد شهر جي گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ ڇهه ماهي امتحانن ۾ پوزيشن کڻندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي مڃتا سرٽيفڪيٽ سان نوازيو ويو، ان سلسلي ۾ تقريب منعقد ٿي جنهن ۾ پوزيشن کڻندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين جي والدين شرڪت ڪئي. اسڪول جي پرنسپل آفتاب شاهه سومرو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 6 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نواب ولي محمد : اسڪول ۾ تقريب دوران ٻارڙن کي سرٽيفڪيٽ ڏنو پيو وڃي

سنڌ ۾ 40 کان 50 سيڪڙو عورتون اسپتالن بدران گهرن ۾ ويم ڪرائينديون آهن : ڊي سي سانگهڙ

سانگهڙ (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ ڊاڪٽر عمران الحسن خواجه چيو آهي ته سنڌ سرڪار صوبي ۾ 40 سيڪڙو ڳورهاري عورتن کي گهرن بدران اسپتالن ۾ ويم ڪرائڻ ڏانهن همٿائڻ ۽ سندن ٻار جي صحت کي بهتر بنائڻ جي مقصد هيٺ سنڌ جي تاريخ جو وڏي ۾ وڏو پروگرام شروع ڪيو آهي. سنڌ جي سماجي تحفظ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

نامزدگي ڪاغذن جي جاچ دوران رٽرننگ آفيسر غير جانبدار نه هو : زيب عثمان جلباڻي

آر او بي بنياد غلط فيصلا ڪري مخالف ڌر جي اميدوارن جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪري ڇڏيا

ڊي سي ٺٽي کي لکت ۾ شڪايت ڪئي پر ڪا به مناسب ڪارروائي نه ڪئي وئي

ٺٽو (د ر) پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي اڳواڻ پي ايس 76 ميرپور ساڪرو ٺٽو 2 تان پي ٽي آئي اميدوار زيب عثمان جلباڻي جا نامزدگي فارم رٽرننگ آفيسر پي ايس 76 ٺٽو 2 پاران رد ڪرڻ ڪانپوءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي ۾ نامزدگي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٺٽو : زيب عثمان عالماڻي ۽ ٻيا ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

بنا ڪنهن سبب جي فيڪٽري مان نيڪالي ڏيڻ واري عمل خلاف احتجاج ڪنداسين : رياض علي چانڊيو

جيئي سنڌ محاذ پاران سنڌ عظيم ليبر مفڪر اعظم سائين جي ايم سيد جي 2024_1_17 ورسي ڪانپوءِ پرامن احتجاج ڪيو ويندو

سنڌ صوبو سنڌ جي نالي سان ٺهيل آهي پر افسوس جهڙي ڳالهه آهي ته هتي سنڌي قوم ڪمپنين پاران لاوارث سمجهيو پيو وڃي

ڪمپني انتظاميا سنڌ جي مختلف شهرن جا شناختي ڪارڊ ڏسي ڪري ڪمپني انتظاميا پرٽي نٿي ڪري ۽ جيڪي لڳل مزدور آهن

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ڪورنگي انڊسٽري ايريا جي ڪمپنين انتظاميه ورڪرن کي بنا ڪنهن سبب جي فيڪٽري مان نيڪالي ڏيڻ واري عمل خلاف ڪراچي ڪورنگي انسٽري ايريا جو مين روڊ بند ڪري جيئي سنڌ محاذ پاران سنڌ عظيم ليبر مفڪر اعظم سائين جي ايم سيد جي 2024_1_17 ورسي ڪانپوءِ پرامن احتجاج ڪيو ويندو ۽ ورڪرن کي بحال ڪرڻ لاءِ جيترا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

سجاول ضلعي پوليس ۾ آئي ٽي ڊپارٽمنٽ ٻيهر بحال ٿي ويو

شهرين جا گم ٿيل 5 قيمتي موبائل فون نئين مقرر ٿيل آءِ ٽي انچارج پاران رڪور ڪري حقيقي مالڪن حوالي

ارشد محمود ڪڏائي ڊجيٽل ٽريسنگ ذريعي لکين رپين جا قيمتي موبائل فون هٿ ڪري اصل مالڪن حوالي ڪيا

شهرين شڪيل پٿن، فياض ملاح، غني زئور، پير حڪيم شاهه ۽ خميسو سرواڻ شامل، شهرين پوليس جي عمل کي ساراهيو

سجاول (رپورٽر) سجاول ضلعي پوليس ۾ آئي ٽي ڊپارٽمنٽ ٻيهر بحال ٿي ويو، شهرين جا گم ٿيل 5 قيمتي موبائل فون نئين مقرر ٿيل آءِ ٽي انچارج ارشاد ڪڏائي پاران رڪور ڪري حقيقي مالڪن حوالي ڪيا ويا. خبر موجب: سجاول ضلعي پوليس پاران گم ٿيل موبائل فون جي ريڪور ٿيڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو سجاول پوليس جي آئي ٽي انچارج ارشاد ڪڏائي پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
خميس 04 جنوري 2024ع

انساني حقن جي تنظيم طرفان چونڊ ماحول تي ڳڻتي ظاهر

ملڪ ۾ عام چونڊن جي سرگرمين ۽ ان سان گڏ نگران حڪومت جي عملن بعد ڪجهه اهڙا سوال پيدا ٿي رهيا آهن، جن بابت ڪجهه ڊپ اڳ ۾ ئي دانهن ڪري رهيون هيون. جنهن ڪري ملڪ جي هنن چونڊن جي ساک تي گهڻا ئي سوال اٿاريا پيا وڃن. هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان (ايچ آر سي پي) جي شريڪ چيئرمين منيزا جهانگير جو چوڻ آهي ته جمهوري پاڪستان جي قيام لاءِ صاف ۽ شفاف چونڊون ضروري آهن. پر موجوده صورتحال ۾ صاف ۽ شفاف چونڊن تي سواليه نشان پيدا ٿي ويا آهن.

اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي منيزي جهانگير چيو ته ملڪ ۾ انساني حقن جي صورتحال انتهائي خراب آهي. سياسي شخصيتن جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا پيا وڃن. جڏهن ته پابندي مڙهيل تنظيمن جي اميدوارن جا نامزدگي ڪاغذ درست قرار ڏنا ويا آهن. هن چيو ته اليڪشن ڪميشن ۽ نگران حڪومت کي پنهنجون ذميواريون پوريون ڪرڻ گهرجن.

هن چيو ته گم ٿيل ماڻهن جو ڪيس انتهائي سنگين آهي. گم ٿيل ماڻهن کي عدالتن ۾ پيش ڪيو وڃي. ان موقعي تي پيپلز پارٽي جي سينيٽر اڳواڻ فرحت الله بابر چيو ته جمهوريت کانسواءِ انساني حقن جو تصور به نٿو ڪري سگهجي. هن چيو ته چونڊن ۾ ڌانڌلي شروعات ٿي وئي آهي. ليول پليئنگ فيلڊ کان محروم ڪيو پيو وڃي. لڳي ٿو چونڊن ۾ انجنيئرنگ ڪئي ويندي. سمورين سياسي پارٽين کي چونڊن لاءِ ليول پلئنگ فيلڊ حاصل هجڻ گهرجي.

ملڪ ۾ انساني حقن بابت ڪم ڪندڙ اداري طرفان چونڊن جي جاري تياري ۽ نگران حڪومت جي ڪارڪردگيءَ بابت اٿاريل سوال اهم بڻجي ويا آهن. جنهن ڪري هاڻي فوري طور تي نگران حڪومت کي چونڊن بابت معاملن کي بهتر ڪرڻ جي لاءِ هنگامي قدم کنيا وڃن.

هڪ وڏي آبادي واري هن ملڪ ۾ جمهوري نظام جي لاءِ عام چونڊون گهڻو ضروري آهن. جنهن سان ملڪ جي ساک پت به جڙي ٿي ته وري عام ماڻهوءَ کي گهٽ ۾ گهٽ اهو اطمينان ٿئي ٿو ته حڪومت ۾ هنن جو به ڪجهه حصو پتي آهي. پر جنهن نموني سان چونڊن جو ماحول پيدا ٿي رهيو آهي. ان ڪري عام ماڻهن توڙي ملڪ جو جمهوريت ۾ ويساهه رکندڙ سياسي جماعتون ڳڻتي جو شڪار ٿي رهيون آهن.

ملڪ جي اختيارين کي اهو سمجهڻ گهرجي ته گذريل ڪجهه سالن ۾ ملڪ جي جيڪا صورتحال آهي ان ۾ سياسي، معاشي ۽ آئيني بحران موجود آهي، اهو طئه آهي ته ملڪ ۾ سياسي استحڪام بنا نه ته معاشي بحران ختم ٿي سگهي ٿو نه وري آئيني بحران جو ڪو حل نڪري سگهي ٿو. ان ڪري ملڪ جي هاڻوڪي صورتحال کي نظر ۾ رکندي سمورن اسٽيڪ هولڊرز خاص ڪري ملڪ جي واڳ ڌڻين کي عام چونڊن جي لاءِ اهڙو مثبت ماحول جوڙڻ گهرجي، جنهن سان ڪنهن به سياسي جماعت کي ليول پليئنگ فيلڊ نه ملڻ واري شڪايت باقي نه رهي. پر جيڪڏهن ملڪ جي عوام کي پنهنجي نمائندن چونڊڻ لاءِ هڪ جهڙو موقعو نه مليو. ڪين آزاديءَ سان ووٽ وجهڻ نه ڏنو ويو. پنهنجا نمائندا چونڊڻ جي اجازت نه ڏني وئي ته ان جا نتيجا وڌيڪ خراب نڪري سگهن ٿا.

ڪا به حڪومت جيڪا عوام جي راءِ جي خلاف هٺ سان جوڙي ڪري ملڪ جي مٿان مڙهي وئي ته وري موجود سياسي، معاشي ۽ آئيني بحران وڌيڪ سنگين ٿي ويندا. جنهن جو پهريون نقصان ملڪ جي عوام کي ٿيندو جڏهن ته ان سان منفي لاڙا پيدا ٿيندا. جنهن جو هنن حالتن ۾ ملڪ کي وڏي نقصان رسڻ جي امڪان کي رد نٿو ڪري سگهجي.

انساني حقن جي تنظيم پاران ملڪ جي عام چونڊن جي حوالي سان ظاهر ڪيل ڳڻتي بعد هاڻي وقت جي سرڪار کي فوري طور تي معاملن کي بهتر ڪرڻ جي لاءِ قدم کڻڻ گهرجن. جيڪڏهن ان ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي ٿي ته ان جو سان ملڪ جا مسئلا وڌي وڃڻ تي ويندا. جن کي وري حل ڪرڻ ۾ وڏو وقت لڳي سگهي ٿو. جنهن جي نتيجي ۾ عوام جو خاصو پئسو ۽ وقت لڳي ويندو.

قومي اليڪشن 2024 پ پ ۽ سنڌ جي عوام جي درد ڪٿا !!!

محمد اسماعيل لانگاهه

جنرل مشرف جي آمريتي دور ختم ٿيڻ ۽ محترمه بينظير ڀُٽو جي شهادت ڪانپوءِ زرداري جي قيادت ۾ ٻين صوبن کان هٽي ڪري پ پ سنڌ اندر ظاهري طرح پنهنجو پاڻ کي اهڙو ته مضبوط ڪيو جو پندرنهن ورهين کان انجي متبادل ۽ مقابلي لاءِ ڪابه سياسي پارٽي پاورفل نٿي سگهي آهي ان عرصي دوران سنڌ ۾ ڪيتري تعليم صحت روڊ رستن زراعت انڊسٽري ڪيتري ترقي ڪئي عوام جا سامهون آهي جڏهن جيڪڏهن پندرنهن سالن مان صرف پنجن سالن جي بجيٽ سنڌ جي ترقي تي خرچ ڪجي ها ته شايد غريب عوام ننڊٽڪي ۽سنڌ مسئلستان بڻيل نه هجي ها ڪرپشن جي بازار گرم رهڻ سبب هي پهريون ڀيرو آهي سنڌ ۾ ن ليگ پ پ خلاف سياسي جنگ وڙهي رهي آهي جڏهن جنرل مشرف طرفان نواز شريف حڪومت جو تختو اونڌو ڪري ڪيس ڏهن سالن لاءِ نااهل ڪرڻ سان گڏوگڏ جلاوطن ڪيو ان دوران جنرل مشرف بينظير ڀٽو جي وطن واپسي تي پابندي لڳائي ڇڏي ۽ ن ليگ سربراهه جلاوطني دوران محترمه بينظير ڀُٽو سان سمورا سياسي اختلاف ختم ڪري ميثاق جمهوريت نالي معاهدو ڪيو ان دوران پ پ ۽ ن ليگ ۾ سياسي اختلافن ۾ بلڪل هم آهنگي رهي جڏهن سن 2013 ۾ نواز شريف وزيراعظم بڻيو ته عمران خان پاران اسلام آباد ۾ لڳايل ڌرڻي ۾ مفاهمتي ڪردار ادا ڪندي نواز شريف کي ان مشڪل وقت ۾ بچايو. ان ڪانپوءِ وري جڏهن عمران خان وزيراعظم ٿيو ته انجي حڪومت کي ختم ڪرڻ ۾ ن ليگ ۽ پ پ گڏجي اهم ڪردار ادا ڪيو پي ڊي ايم نالي ٺهيل سياسي اتحاد واري پليٽ فارم تان پندرنهن مهينن جي سرڪار ۾ هڪ ٻئي جا ٻانهن ٻيلي رهيا پر پندرنهن سالن جي ن ليگ ۽ پ پ جي اتحاد ۾ وڏا ڏار پئجي ويا آهن ۽ ن ليگ طرفان 2024 جي قومي اليڪشن جو وقت ويجهو ايندي ئي پ پ خلاف سنڌ ۾ وڏو سياسي محاذ تيار ڪيو ويو آهي جنهن لاءِ گادي واري شهر ڪراچي ۾ ڪي سرگرمين جو آڏو ناهيو ويو آهي جتي ايم ڪيو ايم ف ليگ قومپرستن سميت ٻين مختلف ننڍن ننڍن سياسي اڳواڻن سان صلاح مشورا ۽ سياسي مفاهمت ۽ سيٽ ايڊجسٽمينٽ لاءِ ڳالهيون جاري ساري آهن جنهن ۾ ن ليگ قيادت طرفان پارٽي جي صوبائي صدر بشير ميمڻ کي پ پ خلاف محاذ جوڙڻ جو ٽاسڪ ڏنو ويو آهي ۽ بشير ميمڻ جي سياسي سرگرمين مان پ پ

قيادت ظاهري طرح خوفزده نظر اچي رهي آهي نامزدگي ڪاغذن جي چنڊ ڇاڻ ڪانپوءِ پ پ خلاف ٺهيل محاذ جي اهم اڳواڻن فهميده مرزا، ذوالفقار مرزا، محمد خان جوڻيجو ۽ ٻين جا فارم رد ڪيا ويا آهن جيڪا خبر پ پ لاءِ بهتر ثابت ٿي سگهي ٿي اليڪشن ڪميشن پاران ملڪ ۾ قومي اليڪشن ڪرائڻ واري اعلان ڪانپوءِ خاص طور سنڌ صوبي ۾ پ پ جي حمايتي وڏن سياسي پوتارن جي ننڊ ان ڪري حرام ٿي وئي آهي ته گذريل ٽن ورهين کان صوبي کي مسئلستان بڻائيندڙ سياستدان پريشان آهن خراب ڪارڪردگين سبب عوامي غصي ۽ ڪاوڙ کي ڏسي ڪري پنهنجن پنهنجن تڪن ۾ اليڪشن مهم خطري ۾. ڏسي ڪري ڪين وڏيون پريشانيون سامهون اچي ويون اٿن ته کهڙي نموني سان صوبي جي ڏتڙيل عوام مهانگائي ٻڪ بدحالي ٻوڏن ۾ ٻڏل بي گهر ٿيل مسئلن جي ماريل ماڻهن کان ووٽ جي گهُر آخر ڪيئن ڪجي ان لاءِ آصف زرداري طرفان پ پ جي ڪريل ساک بچائڻ ۽ اليڪشن کٽڻ لاءِ فارمولو طئي ڪري ڇڏيو آهي ته ان کان پهرين سياسي نمائندن خاص ڪري سنڌ جي پوتارن جي پروڻن جون پوري سنڌ ۾ ضلعي، تعلقي ۽ يوسي سطح تائين پ پ قيادت جي هدايتون ڏنيون ويون آهن جنهن سرداري نظام جي گرفت ۾ جڪڙيل سنڌ جي ننڍن ننڍن سردارن سان خفيه نموني ميٽنگن وارو عمل شروع ڪري ڇڏيو آهي پر پ پ خلاف پڪڙيل عوامي غصي ۽ ڪاوڙ کي ٿڌو ڪرڻ پ پ لاءِ ڏاڍو مشڪل نظر اچي پيو عوام هن وقت سخت ڪاوڙ ۽ غصي ۾ ورتل آهي جڏهن ته سنڌ صوبي جي غريب عوام سنڌ ۾ پ پ جي پندرنهن سالن جي بدترين ناقص حڪمراني ڳاتي ٽوڙ مهانگائي ٻوڏن ۾ گهرن کان بي گهر ٿيل هئڻ سبب سخت پريشان آهي تڪ جي چونڊيل نمائندن چند ٽڪن عيوض ضمير وڪڻندڙ سردارن ۽ پوتارن کي اڳيان آڻي عوام جون حمايتون وٺڻ شروع ڪيون آهن بي بي قيادت گذريل پندرنهن سالن کان اقتدار ۾ آهي پر عوام کي جيڪي تڪليفون پيش اچي رهيون آهن ان حوالي سان پ پ ڪابه خاص ڪارڪردگي عوام آڏو پيش ڪري نه سگهي آهي پ پ جي ناقص حڪمراني ۽ مهانگائي ماريل سنڌ صوبي جي عوام سان جيڪي ويساهه گهاتيون ڪيون سي عوام کان وسريون ناهن ٽن ورهين تائين عوام کي سواءِ ڏکن تڪليفن جي ڪجهه نه ڏنو چئن سالن کان سنڌ

مسلسل ٻوڏن جي لپيٽ ۾ رهي پر پ پ پنهنجي صوبي جي بجيٽ ته خرچ نه ڪري سگهي پر عالمي ادارن طرفان سنڌ جي لکين ٻوڏ متاثرن لاءِ آيل اربين رپين جو امدادي سامان ۽ رقمون هڙپ ڪيون ويون.

هن وقت تائين به پ پ قيادت پنهنجي انهن ڪوڙين دعوائن ۽ عوام سان همدردين تان هٿ ناهي کنيو اجا به ڪيس هام هڻندي ٻڌو پيو وڃي ته موقعو مليو ته سنڌ کي جنت بڻائينداسين پندرنهن سالن کان پ پ سنڌ کي جنت ته نه بڻائي سگهي پر جهنم بڻائڻ ۾ ڪا ڪسر ناهي ڇڏي پ پ جيڪڏهن چاهي ها ته صوبي ۾ ترقي ٿي پئي سگهي پر سنڌ ۾ پ پ جي حڪومت ۾ عوام کي ڪي به بنيادي سهولتون ميسر نٿي سگهيون سمورن بنيادي سهولتن جو بحران رهيو روڊ رستا، پيئڻ جو صاف پاڻي صحت تعليم سميت کي به مسئلا حل نه ڪيا ويا غريبن کان جيئڻ جو حق کسيو ويو پ پ سنڌ جي عوام کي وڌيڪ ڏکارو بڻايو جيڪي ڏک ورهين تائين وسارڻ جهڙا ناهن پ پ کان جيڪڏهن اقتدار جي نشي ۾ عوام جا اهنج وسري به ويا آهن ته انهن جا عوام کي ڏنل ڏک به ناهن وسريا جيڪڏهن سنڌ جا ٽٽل روڊ رستا، تباهه ٿيل اسپتالون اسڪول، واٽر سپلاءِ اسڪيمون ۽ ٻين بنيادي سهولتن کان عوام کي محروم رکيو ويو هن وقت پوري ملڪ اندر جيئن جيئن قومي اليڪشن 2024 جي ماحول ۾ گرما گرمي اچي رهي آهي تيئن سنڌ ۾ پ پ پنهنجي سرگرمين ۾ اضافو ڪري ڇڏيو آهي پر سنڌ جي عوام هن وقت جاڳي چُڪو آهي ته ملڪ جي ستر سالن جي تاريخ ۾ غريب عوام جي تقدير تبديل نه ڪندڙ سياستدانن مان بهتر فيصلن واري اميد رکڻ فضول آهي پ پ قيادت ۽ عوام طرفان ڪيل الڳ الڳ فيصلن جي موٽ ۾ سنڌ ۾ پ پ عوام کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪهڙو آپشن اختيار ڪري ٿي ۽ پنهنجي ٿيل ڪارڪردگي آڌار ڪهڙا نوان فيصلا عوام سامهون آڻي ٿي جيئن هر ايندڙ اليڪشن کان اڳ عوام سان جيڪي وعدا ڪيا ويندا رهيا پر وفا نه ٿيا هاڻي فيصلو صرف عوام کي ڪرڻو آهي جيڪڏهن اجا به سنڌ جي عوام پ پ تي اعتماد ڪري اقتدار ۾ آڻي ٿي پوءِ ڪيس ايندڙ چار سالن تائين دانهن ۽ ڪوڪن جو درمان ايئن ئي ٿيندو جيئن پ پ پوئين پندرنهن سالن ۾ سنڌ جي خدمت ڪئي آهي

ساتِر صِحتَ سُپِرِين، آهي نـ آزارُ؛
مـجلسَ ويرَ مِنو ٿئي، ڪوڙيندي ڦهارُ؛
خَنجرُ تنهن خُوب هٽي، جنهن سين ٿئي يارُ؛

ملڪ ۾ سياست جا رنگ!

ڊاڪٽر علي رضا قاضي

مارڪسزم موجب 'سياست' ڪڏهن به منفي نه پر سدائين مثبت علم رهيو آهي. ها، اها ٻي ڳالهه ته سياست ڪندڙن جي نيت ۽ عمل ڪهڙا آهن؟ ان ڳالهه کي اڃا به سؤلي سنڌيءَ ۾ هن طرح بيان ڪبو ته 'جهڙي ريت، تهڙي مراد'. مطلب ته جهڙيون حالتون هونديون، نتيجا به اهڙا ئي ايندا. سماج جو هر ٻيون ماڻهو جيڪڏهن ڪرپشن کي پنهنجي مطلب لاءِ استعمال ڪري، وري ان تي ڳالهه تي گندو ڏئي ته پوءِ ان معاشري جا اڳواڻ يقينن اهڙا ئي پيدا ٿيندا.

يقين ڪريو، ماڻهو آسمان مان ناهن لاٿا ويندا. پر هو زمين مان ڦٽندا آهن. زمين مان نڪتل ماڻهو اهي ئي حرڪتون ڪندو، جيڪي هن جي آس پاس ۾ موجود آهن. يا هو پنهنجي پرپاسي ۾ ڏسي ٿو انهن سيني حالتن ۾ جيڪڏهن ڪا غير معمولي ليڊرشپ نه ٿي اڀري، تيسيتائين حالتن جي تبديلي محض خواب جيان هوندي آهي. پر ان سڄي مرحلي ۾ ان غير معمولي قيادت کي نهايت خبرداريءَ سان، ٻين لفظن ۾ سوچي سمجهي قدم کڻڻا پوندا آهن. ان جي ٿوري غلطي به سڄي سماج جي هڪ ڀيرو ٻيهر ساڳي قباحت ۾ يا ان کان به وڌيڪ شدت جي اسڪيل تي آڻي سگهي ٿي. ان کي هڪ تصور آهي ته فقط انقلاب آڻڻ ڪافي ناهي. پر ان کي برقرار رکڻ لاءِ ڀرپور جو بندوبست به اڳي ئي ڪرڻ گهرجي. تاريخ ۾ ان جا ڪيترائي مثال ملن ٿا. جن مان انقلاب فرانس جو مثال سڀ کان مٿاهون آهي. انقلاب ڪانپوءِ ميڪسيملن رابسپئير جهڙي ريت فرينچ سوسائٽي ۾ تمام وڏيون تبديليون آنديون. اتي هن انقلاب کي برقرار رکڻ لاءِ وڏا ۽ سخت قدم پڻ کنيا. هن جي مٿان الزام آهي ته هزارن شخص کي قتل ڪرائي ڇڏيائين. جيڪو انقلاب جي خلاف ٻڙڪ به ٻاهر ڪڍندو هو. فرانس جي تاريخ ۾ جيترٿيڪ رابسپئير جو نالو مٿاهون آهي. هن وقت به پيرس ۾ هن جي نالي سان ڪيتريون ئي جايون منسوب آهن. فرانس جا ماڻهو هن جي عزت ڪندا آهن. پر اهو ساڳيو ئي رابسپئير هو. جنهن جي مٿان 20 هزار ماڻهن کي مارائڻ جو الزام پڻ آهي. ان سڄي ڳالهه جو حاصل مطلب ته اڳواڻ جو فرض نه فقط تبديلي آڻڻ هوندو آهي. پر ان تبديلي کي قائم رکڻ لاءِ قدم پڻ کڻڻا هوندا آهن جيڪڏهن اهو انهن ۾ ناڪام وڃي ٿو ته معاملو وڌيڪ بگڙي ويندو ۽ نتيجا وڌيڪ ڀيانڪ صورت اختيار ڪندا. ان سڄي معاملي ۾ سياسي اڳواڻن کي گهرجي ته هو سدائين زميني حقيقتن کي معروضي تجزين جي مٿان فوقيت ڏين. جيڪڏهن ان ماٺري ۾ هنن کان ٿوري به چُڪ ٿي ته پوءِ حالتون ڪنهن جي به وس ۾ ناهن رهنديون.

پاڪستان جي تاريخ ۾ سال 1970ع، 1977ع ۽ 1980ع ملڪ جي زميني حقيقتن کي وسارڻ جا ورهيه آهن. سال 1970ع ۾ عام اليڪشن جي نتيجن کي قبول نه ڪيو ويو. 1977ع واري سال ملڪ جو آئين ٽوڙيو ويو 1980ع جي ورهيه ۾ ملڪ جي ليڊرشپ پاڻ کي هڪ اهڙي جنگ جي حوالي ڪري ڇڏيو. جنهن جا نتيجا اڄ به ڦري ڦري اڳيان اچن پيا. جي. سان افغان وار جي ڳالهه ڪريان پيو. اهي ته ٽي وڏا سال ۽ انهن سان سلهاڙيل ماجرا هئا. جي کي اڄ به ڀوڳيون پيا ۽ اهي جيڪي ضمني صورتن ۾ جاري آهن. سال 2013ع جي چونڊن ۾ کٽي آيل پارٽيءَ جي سربراهه ۽ وزيراعظم کي ساڍن ٽن سالن جي اندر هٿائي ناحيات نااهل قرار ڏنو ويو. معاملو فقط نااهليءَ تائين محدود نه رهيو. پر هن کي سزا ٻڌائي جيل پيڙو پڻ ڪيو ويو. تان جو همراهه کي اندروني طور تاهه ڪري ٻاهر وڃڻو پيو. جيل ڪاٽڻ ڪو سؤلو آهي ڇا؟ سڀ نيلسن منڊيلا يا ذوالفقار علي ڀٽو ته نه ٿا ٿي سگهن! خير، 2018ع ۾ نواز شريف جي جاءِ تي نئين شخص ۽ نئين پارٽيءَ کي اهو چئي آندو ويو ته ملڪ جون ٻئي پارٽيون هاڻي ديس هلائڻ جي لائق ناهن رهيون! پر ٿيو ڇا؟ 2018ع ۾ ايندڙ نئون ڪپتان به انهن جي اميدن تي پورو نه لٿو. هن وقت سڀ کان مٿي ڪيسن ۾ جيل ڪاٽي رهيو آهي. جن ماڻهن جي اشارن سان ڪپتان جي پارٽي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ چيو ويو هو هاڻي ساڳيا ماڻهو ساڳين اشارن سان پارٽي ڇڏي رهيا آهن ته فقط پارٽيءَ کي ڇڏين پيا. پر ان کي ملڪ لاءِ مهلڪ ۽ نقصانڪار پڻ قرار ڏين پيا. وري سال 2013ع واري اڳواڻ جي مٿي تي شفقت جو هٿ آهي. هو ڪهڙي ريت سرڪاري پروٽوڪول ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي جماعت کي منظر ڪري پيو اها ڳالهه به ڪنهن کان ڳجهي ناهي رهي. اهو ڪهڙو نه عجب آهي ته جيڪو ڪالهه تائين سزا يافته ڏوهاري هو. واپسيءَ ۾ نه جيل جو در ڏٺائين نه ڪنهن ڪورٽ جي سامهون پيش ٿيو. هن وقت هو رياست جي اک جو تارو بڻيل آهي. هن سڄي مرحلي ۾ ملڪ جي احتسابي نظام جي هڪ جهلڪ ڏسي سگهجي ٿي. نه فقط ايترو پر مستقبل جي تصوير به سامهون آهي ته هن ملڪ جا سگهارا ادارا ڇا مان ڇا ڪري سگهن ٿا! سمجهي سگهجي ٿو ته هن ملڪ ۾ اهي معاملا اڃا ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين جاري رهندا.

پاڻ حال جي احوال تي اچون ته اليڪشن جي حوالي سان سياسي جماعتن باضابطه طور مختلف حلقن ۾ اميدوارن جو اعلان نه ناهي ڪيو. البته چونڊ جلسن جي شروعات ٿي چڪي آهي. جنوري جي اڌ کان اهو سلسلو زور وٺندو. سياسي نعرن، دعوائن ۽ واعدن جا مينار بيهاريا ويندا. هن سڄي سلسلي ۾ هڪ ڳالهه جيڪا نئين نظر اچي ٿي. اها پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو اهو بيانيو آهي ته "بزرگن کي سياست کان الڳ ٿي، آرام ڪرڻ گهرجي. هو هاڻي مدرسن ۾ ٻارن کي پڙهائين!" بظاهر ته اهي اشارا چوٿين ڀيري وزيراعظم ٿيڻ جي تاڪ ۾ ويٺل نواز شريف ڏانهن آهي. پر لڪل لفظن ۾ هو پنهنجي والد آصف زرداريءَ کي به چئي رهيو آهي! جواب ۾ آصف زرداري به بلاول کي تجربو نه هجڻ جو طعنو هنيو ممڪن آهي ته اهڙي قسم جا طعنا تنڪا مستقبل ۾ به ٻڌڻ ۾ اچن. هڪ طعنو ته نواز ليگ جي طرفان پي ٽي آءِ جي نئين چيئرمين بئريسٽر گوهر علي خان کي ڏنو ته هن جي چونڊ ڦرادِ کانسواءِ ڪجهه نه هو هيءَ ٽرڪ ان پارٽيءَ جي طرفان ڪئي وئي. جنهن جي اڳوائيءَ لاءِ شريف خاندان کان ٻاهر ڪو ماڻهو نظر نه ايندو آهي. انهن ڳالهين تي بس ڪجهه وقت لاءِ مسڪرائي عجب ئي ڪري سگهجي ٿو اهو پڻ ته هن ملڪ ۾ سياست جا ڪهڙا ڪهڙا رنگ آهن

215 آئين جي خلاف آهي. تنهن ڪري عدالت سيڪشن 215 کي ڪالعدم قرار ڏئي.

بقايا 26

۾ ڊاڪٽر صفدر عباسي، اڳوڻن وڏن وزيرن سيد مظفر حسين شاهه، لياقت جتوئي، ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم، سردار عبدالرحيم، عرفان الله مروت، اياز لطيف پليجو، سيد زين شاهه، بئريسٽر حسنين مرزا سميت ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي. پارلياماني بورڊ جي اجلاس ۾ سڄي سنڌ مان آيل جي ڊي اي جي اميدوارن جا انٽرويو ڪيا ويا. جڏهن ته اجلاس ۾ جي ڊي اي جي عوامي فلاحي منشور تي به تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو. اجلاس کي خطاب ڪندي جي ڊي اي جي چيف ڪوآرڊينيٽر سيد صدرالدين شاهه راشدي چيو ته ملڪ سميت سنڌ ۾ صاف شفاف چونڊون عوام جو پراڻو مطالبو آهي. عوام ايندڙ عام چونڊن ۾ ڪنهن به قسم جي ڌانڌلي برداشت نه ڪندي. پندرنهن سالن کان ڪرپشن وسيلي سنڌ جا وسيلا، روزگار، بنيادي حق کسيندڙن جو عوام سخت ڪڙو احتساب ڪندو. هن چيو ته ليول پليئنگ فيلڊ جو مطالبو ڪندڙ ليول پليئنگ فيلڊ تي عملدرآمد به ڪن. جي ڊي اي جي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر صفدر عباسي چيو ته 15 سالن کان سنڌ ۾ ڌانڌلي زده اليڪشن جي نتيجي ۾ هڪ ئي جماعت جي حڪومت ناهي وئي پر هن اليڪشن ۾ ڌانڌلي ڪندڙن کي سنڌ جو عوام ڪنهن به صورت ۾ ڌانڌلي ڪرڻ نه ڏيندو. سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير سيد مظفر حسين شاهه چيو ته جي ڊي اي جو عوامي منشور سنڌ ۾ انقلاب آڻيندو. جي ڊي اي جو منشور عوام جي بنيادي حقن جي پاسداري تي ٻڌل آهي. اڳوڻي وڏي وزير لياقت علي جتوئي چيو ته سنڌ کي ٻوڏ جي پاڻي ۾ ٻوڙيندڙن کي سنڌ جو عوام عام چونڊن ۾ ٻوڙي ڇڏيندو. سنڌ جو باشعور عوام ڪرپٽ مافيا کان ڇوٽڪارو حاصل ڪندو. سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم چيو ته صاف شفاف چونڊن ۾ ڪامياب ٿي جي ڊي اي ۽

اندر اسٽيڪنگ هٿي ته افغانستان ۽ پاڪستان ۾ ڪمپين ٿئي ته وائرس کي روڪي سگهجي. افغانستان سان مهم نه ٿيڻ ۽ ڪيس وائرس اچڻ اسان جي لاءِ وڏو چئلينج آهي.

بقايا 30

جي مد ۾ کي اليڪٽرڪ جي ٽيرف ۾ 2 روپيا 87 پئسا في يونٽ واڌ ڪئي وئي آهي. بجليءَ جي قيمت ۾ واڌ جنوري کان مارچ 2023ع جي ايڊجسٽمينٽ لاءِ ڪئي وئي آهي. اضافي سان کي اليڪٽرڪ واهپيدارن تي 9 ارب رپين جو بار پوندو کي اليڪٽرڪ لاءِ بجلي جي اگهن ۾ واڌ جو فيصلو نيپرا وفاقي حڪومت کي موڪلي ڇڏيو آهي.

بقايا 31

سان تضحيڪ آميز مهم جو سلسلو شروع ڪيس جوابدارن هڪ نه پر ڪيترائي ڀيرا اليڪشن ڪميشن ۽ سربراهه جي خلاف تعصب تي ٻڌل تضحيڪ آميز زبان استعمال ڪئي. چارج شيٽ ۾ چيو ويو آهي ته جوابدارن 12 جولاءِ 2022ع ۾ بکر ۾ عوامي جلسي دوران اليڪشن ڪميشن پاڪستان جي خلاف غير پارلياماني زبان استعمال ڪئي. جوابدان 18 جولاءِ ۽ 27 جولاءِ تي عوامي جلسن ۾ اليڪشن ڪميشن ۽ سربراهه تي من گهڙت الزام لڳايا. جوابدارن 4 آگسٽ ۽ 10 آگسٽ 2022ع تي اليڪشن ڪميشن کي اسڪينڊ لائيز ڪيو. پي ٽي آءِ باني ۽ فواد چوڌري جلسن ۾ آئيني اداري جي تضحيڪ جو نشانو بڻايو. جوابدار چيف اليڪشن ڪمشنر جي خلاف غير پارلياماني ۽ گٿي زبان استعمال ڪئي. چارج شيٽ ۾ چيو ويو آهي ته گهربل ثبوتن، وڊيوز ۽ دستاويزن مطابق جوابدارن جي خلاف ٽرائل شروع ڪيو وڃي. جوابدارن اليڪشن ايڪٽ جي تحت اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي توهين ڪئي. سپريم ڪورٽ جي آبزرويشن جي تحت اليڪشن ڪميشن جوابدارن جي خلاف

سياست تي يقين رکون ٿا. سينيٽر پلوشا خان چيو ته پ پ ٽي پنهنجي چونڊ مهم شروع ڪري ڇڏي آهي. ايندڙ حڪومت اچڻ جي دعوي ڪندڙ عوام وٽ وڃڻ کان گهٻرائي رهيا آهن. جنهن پارٽي کي ملڪ جي مسئلن جو احساس ناهي. اها اقتدار ۾ اچڻ لاءِ جهمريون هڻي رهي آهي. ملڪ هاڻي ڪنهن بي لاڏلي جو بوجهه نٿو کڻي سگهي. هن چيو ته صرف شفاف اليڪشن سمورن مسئلن جو حل آهي.

بقايا 21

پي ٽي آءِ جي وڪيل لطيف کوسي جي نالي اڳيان سردار لکڻ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته 1976ع کانپوءِ سرداري نظام ختم ٿي چڪو آهي. پ پ حڪومت سرداري نظام جي خاتمي لاءِ قانونسازي ڪئي، هاڻي لطيف کوسي جا پٽ به سردار ٿي ويا آهن سردار، پير ۽ نواب جهڙا لفظ استعمال ڪرڻ جو سلسلو بند ٿيڻ گهرجي. پاڪستاني آئين ۽ يا وري سرداري نظام تي عمل ڪيو وڃي. چيف جسٽس جي رمارڪس تي پي ٽي آءِ وڪيل لطيف کوسي چيو ته اهو اسٽينو نالي سان گڏ لکي ڇڏيو اڳتي احتياط ڪندس عدالت آءِ جي، چيف سيڪريٽري ۽ ايڊووڪيٽ جنرل پنجاب کي نوٽيسز جاري ڪندي ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي اٺ جنوريءَ تائين ملتوي ڪندي چيو ته اليڪشن ڪميشن پاران اليڪشن ڪميشن پنجاب جي خط جي جواب ۾ هدايتون جاري ڪيون هيون. ٻڌايو وڃي ته اليڪشن ڪميشن جي هدايتن تي عملدرآمد ٿيو يا نه؟

بقايا 22

جولاءِ کان ڊسمبر تائين ٻهرين ڀيرو هڪ ٽريلن (هڪ هزار ارب) کان مٿي ٽيڪس گڏ ڪئي آهي. ڪمشنر انلينڊ روينيو گرڏاري مل تيوز بريفنگ دوران تفصيل ٻڌائيندي چيو ته اسانکي هلندڙ مالي سال جي ابتدائي 6 مهينن ۾ ٽيڪس وصولي جو ٽارگيٽ 1216 ارب رپيا

ٻه ڪيس داخل ڪري عورتن ۽ ٻارڙن کي گرفتار ڪيو هو پوءِ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ اسان درخواست ڏني. پوءِ مختلف موقعن تي رها ڪيو ويو. هن چيو ته زبردستي اسان جي عورتن کي بسن جي ذريعي واپس موڪلڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. جسٽس محسن ڪياني پڇائو ڪيو ته هاڻي اوهان جو مسئلو ڇا آهي. سڀ عورتون آزاد ٿي ويون آهن. وڪيل جواب ڏنو ته هائو سڀ عورتون آزاد ٿي ويون آهن پر هاڻي پوليس اسان کي حراسان ڪري رهي آهي. جسٽس محسن اختر ڪياني معلوم ڪيو ته جيڪي فيمليز آيل آهن اهي هن وقت ڪٿي آهن. جنهن تي وڪيل ٻڌايو ته اهي عورتون نيشنل پريس ڪلب جي ٻاهران ويٺيون آهن. پوءِ عطاالله ڪندي ٻهريان کان جاري ڪيس جو حوالو ڏنو هن چيو ته پهريان پوليس عورتن کي گرفتار ڪيو. اسان معاملو هتي چيلينج ڪيو انسپيڪٽر جنرل اسلام آباد پيش ٿيو هاءِ ڪورٽ آرڊر ڏنو ۽ مظاهرين کي هڪ جڳهه ڏني وئي. هاڻي جتي اسان ويٺا آهيون اتي پوليس رات جو حيسائي ٿي. هن ٻڌايو ته پوليس اسان جو سائونڊ سسٽم کڻي وئي آهي. جيڪا شئي به اسان طرف اچي ٿي پوليس ان کي روڪي وٺي ٿي. رات جو ٽنگ ڪري ٿي، لڳي ٿو ته ڪٿي ٻيهر آپريشن شروع نه ٿي وڃي. جنهن ڪانپوءِ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس محسن اختر ڪياني بلوچ مظاهرين کي حراسان نه ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي.

بقايا 17

فرحت الله بابر، صديق الفاروق، اڳوڻو وفاقي نثار ميمڻ، اعجاز الحق، سرتاج مهتاب خان، ليفٽيننٽ جنرل عبدالقيوم، زبير قصوري، اڳوڻ پي ٽي آءِ رائو تحسين علي خان، راجا ظفر الحق کان علاوه ڪريٽ ۽ مختلف ملڪن جي سفيرن شرڪت ڪئي. جنهن کان پوءِ سرتاج عزيز کي ايچ ايٽ قبرستان ۾ دفنايو ويو سرتاج عزيز جو تجهواج خميس تي 3 وڳي چڪ شهزاد فارم

بلوچستان ۾ فرقيوار ۽ لساني بنيادن تي به ماڻهن کي قتل ڪيو ويو. ڪي پي ۾ ۽ بلوچستان ۾ ماڻهن جي گمشدگي الڳ معاملو آهي. چيف جسٽس اٽارني جنرل کي مخاطب ٿي چيو ته ڇا حڪومت طرفان توهان اهو چئي سگهو ٿا ته ڪنهن کي به غير قانوني طور نه کنيو ويندو؟ اٽارني جنرل چيو ته جي بلڪل مان چئي سگهان ٿو. چيف جسٽس آمنه مسعود جنجوعه کي روسٽرم تي گهرائي پڇيو ته توهان جي مڙس جو حڪومت يا رياست سان ڪهڙو تعلق هو؟ آمنه مسعود جنجوعه چيو ته گم ٿيل ماڻهن جي ڪميشن منهنجي مڙس کي 2013 ۾ مرده قرار ڏنو هو. منهنجو مڙس دوست سان ملڻ لاءِ پشاور ويو ۽ واپس نه موٽيو. چيف جسٽس رمارڪس ۾ چيو ته اسان کي ڪنهن سيڪشن آفيسر جو بيان نه کپي. اسان کي پاڪستان جي سرڪار لکي ڏئي ته آئنده ڪنهن به غير قانوني طور گم نه ڪيو ويندو. هن ملڪ کي پنهنجن ئي فريڪچر ڪيو آهي. رياست کي به پنهنجو مائينڊ سيٽ تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي. رڳو عدالتي فيصلن سان ڪجهه نه ٿيندو. ٻڌڻي دوران اعتزاز احسن ۽ آمنه مسعود جنجوعه گم ٿيل ماڻهن بابت ڪميشن تي بي اعتمادي ظاهر ڪري ڇڏي. چيف جسٽس چيو ته اعتزاز احسن سميت ڪير به گم ٿيل ماڻهن جي ڪميشن مان مطمئن نه آهي. عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 9 جنوري تائين ملتوي ڪري ڇڏي

بقايا 10

جي اميدوارن ۾ خالد محمود صديقي، فاروق ستار، مصطفيٰ ڪمال، امين الحق، حفيظ الدين شيخ، حمايون عثمان، محمد اقبال خان، محسود ۽ حسان صابر شامل آهن. جڏهن ته ٻين اميدوارن جو اعلان جي يو آءِ ۽ ن ليگ سان ملاقات کان پوءِ ٿيندو. ايم ڪيو ايم ۽ ن ليگ ۾ اين اي 242 جي سيٽ تي ڊيڊ لاڪ برقرار آهي. جڏهن ته هن تڪ تان مصطفيٰ ڪمال ۽ شهباز شريف اميدوار آهن.

بقايا 11

80 پئسا تي وڪالهه انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 281 رپيا 89 پئسا تي بند ٿيو پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ اڄ ڪاروبار جي شروعات مثبت آهي. پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج 100 انڊيڪس 288 پوائنٽن جي واڌ سان 64 هزار 637 تي پهچي ويو ڪالهه انڊيڪس 64 هزار 349 پوائنٽس تي بند ٿيو

بقايا 12

هو ته ان دوران ان جي قافلي تي هٿياربندن فائرنگ ڪري ڏني. پوليس موجب اين ڊي ايم چيئرمين جي گاڏي جي فرنٽ ۽ سائيڊ شيشن تي گوليون لڳيون. محسن داوڙ بلٽ پروف گاڏي جي ڪري حملي ۾ محفوظ رهيو. پوليس موجب محسن داوڙ حملي ۾ محفوظ آهي ۽ هن کي ويجهي محفوظ مقام تي منتقل ڪيو ويو آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته پوليس جي نفري موقعي تي پهچي وئي. جوابدارن جي ڳولا شروع ڪئي وئي آهي

بقايا 13

سويرا پرڪاش قومي اسيمبلي جي سيٽ لاءِ به نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا آهن. پيشي جي لحاظ کان ڊاڪٽر، ڊاڪٽر سويرا پرڪاش سي ايس ايس جي تياري پڻ ڪري رهي آهي. ايبٽ آباد انٽرنيشنل ميڊيڪل ڪاليج مان گريجوئيشن ڪندڙ ڊاڪٽر سويرا پرڪاش بونير ۾ پيپلز پارٽي جي عورت ونگ ۾ جنرل سيڪريٽري جي عهدي تي مقرر آهي ۽ سندس پيءُ به پاڪستان پيپلز پارٽي سان تعلق رکي ٿو. بونير ۾ پهرين اقليتي عورت آهي جنهن عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو اعلان ڪيو آهي. خانگي ٽي وي چينل سان ڳالهائيندي ڊاڪٽر سويرا پرڪاش چيو آهي ته هو پنهنجي پيءُ جي نقش قدم تي هلندي تڪ جي عوام جي خدمت ڪرڻ

سوال ڪيو ته ڇا اليڪشن ڪميشن هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف عدالت ۾ اچي سگهي ٿي؟ سنڌن رٽ درست ناهي، 26 ڊسمبر تي فيصلو آيو ان تي اڃا تائين عمل ناهي ٿيو. اليڪشن ڪميشن اڃا تائين انٽرا پارٽي اليڪشن سرٽيفڪيٽ ويب سائيٽ تي جاري ناهي ڪيو. جسٽس اعجاز الاحسن پڇائو ڪيو ته ڇا توهان جي طرفان توهين عدالت جو ڪو ڪيس آهي؟ ان تي قاضي انور چيو ته اسان جي اميدوارن جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا. اليڪشن ڪميشن ڇا ڪيو؟ اليڪشن ڪميشن کي ويب سائيٽ سرٽيفڪيٽ ڏيڻ سان ڪهڙو مسئلو آهي. هڪ پارٽي کي پاسيرو رکڻ اليڪشن ڪميشن ۽ جمهوريت لاءِ سٺو ناهي. اليڪشن ڪميشن کي سياسي پارٽي خلاف استعمال نه ٿيڻ گهرجي ها. اسان چاهيون ٿا ته اليڪشن ڪميشن شفاف چونڊون ڪرائي. ڌرين جا دليل مڪمل ٿيڻ بعد عدالت اليڪشن ڪميشن جي نظرثاني اپيل تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو ڪجهه ڪلاڪن بعد عدالت اليڪشن ڪميشن جي نظرثاني اپيل منظور ڪندي اليڪشن ڪميشن جو 22 ڊسمبر جو فيصلو بحال ڪري ڇڏيو عدالت پي ٽي آءِ جي انٽرا پارٽي اليڪشن ۽ چونڊ نشان واري ڪيس ۾ حڪم نامو واپس وٺي پي ٽي آءِ جو بيٽ نشان هڪ ڀيرو ٻيهر ختم ڪري ڇڏيو

بقايا 07

کي بائيڪ هلائڻ جي ٽريننگ به ڏني ويندي. صحت کاتي مطابق 55 ليڊي ويڪسي نيٽرز کي بائيڪ ڏني ويندي. ليڊي ويڪسي نيٽرز فڪسڊ پوائنٽ ۽ ٻين هنڌن تي ويڪسين لڳائينديون. صحت کاتي پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ته انهن بائيڪ جي ذريعي ويڪسي نيٽرز کي سينٽر تائين پهچڻ ۾ سهولت مهيا ٿيندي. ان کانسواءِ ليڊي ويڪسي نيٽرز کي مخصوص يونيفارم به ڏنو ويندو. عورتن کي بائيڪ هلائڻ جي ٽريننگ 2-3 ڏينهن ۾ ليڊي ٽرينر ئي ڏينديون. بيان مطابق ليڊي ويڪسي نيٽرز ۾ اليڪٽرڪ بائيڪ ايندڙ هفتي ڏنيون وينديون.

بقايا 08

آئيني ذميوارين کان پوئتي نٿو هٽي سگهي. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ريمارڪس ڏنا ته اوهان صرف پنهنجي ڪيس تي فوڪس ڪريو اهو ٻڌايو اوهان ڪڏهن اليڪشن ڪميشن ۾ شڪايت جمع ڪرائي. لطيف کوسي جواب ڏنو ته پنجاب جي صوبائي اليڪشن ڪمشنر 24 ڊسمبر تي چيف سيڪريٽري پنجاب ۽ آءِ جي پنجاب کي خط لکيو ان لاءِ اسان کي اليڪشن ڪميشن ۾ شڪايت جمع ڪرائڻ جي ضرورت نه هئي. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ريمارڪس ڏنا ته اوهان 2013 جي چونڊن ۾ به الزام لڳايا. عدالت جو ٽڏهن به وقت ضايع ڪيو ڪي به پڪا الزام نه نڪتا. موجوده چيف اليڪشن ڪمشنر کي به اوهان مقرر ڪيو اسان نه. ٻڌڻي دوران چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا ته هي ڪيس هاءِ ڪورٽ جو هو ڪوسه صاحب اسان اوهان کي وڌيڪ وقت ڏنو اهو نه چئو ته ڏنيا اوهان جي خلاف ٿي وئي آهي. مثبت سوچ اختيار ڪريو ائين نه چئو ته بدترين چونڊون ٿي رهيون آهن هاڻي ته اوهان خوش آهيو اسان صرف سوال پڇندا آهيون ناراض نه ٿيندا ڪريو. چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا ته اسان ڪيئن چئي ڇڏيون ته فلاڻي سياسي پارٽي جي اميدوار جا نامزدگي ڪاغذ منظور ڪريو. فلاڻي جا رد ڪريو. عدالتون چونڊن جي لاءِ هر سياسي پارٽي جي پليان بيٺل آهن. نامزدگي ڪاغذ رد ٿيڻ تي جنهن کي اعتراض آهي اهو چونڊ ٽربيونلز سان رابطو ڪري. ڳالهه ختم. سپريم ڪورٽ ۾ اجوڪي ٻڌڻي جو حڪمنامو جاري ڪيو ويو جنهن موجب 24 ڊسمبر 2023 تي صوبائي اليڪشن ڪمشنر پنجاب جي خط جو حوالو ڏنو ويو جنهن ۾ چيف سيڪريٽري ۽

ٽٽ برش جهڙا نشان تيرسان ملندڙ جلندڙ آهن ۽ هي نشان بيلٽ پيپر تي ووٽرز کي گمراهه ڪري سگهن ٿا. پيپلز پارٽي اپيل ڪئي ته اليڪشن ڪميشن تير سان مشابهت رکندڙ نشان واپس وٺي.

بقايا 01

پيش ٿيا. ٻڌڻي دوران پي ٽي آءِ جي وڪيل قاضي انور سوال ڪيو ته ڇا اليڪشن ڪميشن هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف عدالت اچي سگهي ٿو؟ سنڌن رٽ ٺيڪ نه آهي، 26 ڊسمبر تي فيصلو آيو جنهن تي اڃا تائين عمل ناهي ڪيو ويو. اليڪشن ڪميشن هنيئر تائين ويب سائيٽ تي انٽرا پارٽي چونڊ سرٽيفڪيٽ جاري ناهي ڪيو. جسٽس اعجاز پڇائو ڪيو ته ڇا اوهان جي طرفان ڪو توهين عدالت ڪيس آيو؟ ان تي قاضي انور چيو ته اسان جي اميدوارن جا نامزدگي ڪاغذ رد ٿيا اليڪشن ڪميشن ڇا ڪيو؟ هڪ پارٽي کي هڪ پاسي ڪرڻ اليڪشن ڪميشن ۽ جمهوريت لاءِ ٺيڪ ناهي. اليڪشن ڪميشن کي هڪ سياسي جماعت خلاف استعمال نه ڪرڻ گهرجي ها. اسان چاهيون ٿا ته اليڪشن ڪميشن شفاف چونڊون ڪرائي. عدالت ڌرين جا دليل ٻڌڻ کانپوءِ اليڪشن ڪميشن جي نظرثاني اپيل تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو عدالت ڪجهه ڪلاڪن کانپوءِ فيصلو ٻڌائيندي اليڪشن ڪميشن جي نظرثاني اپيل منظور ڪئي ۽ اليڪشن ڪميشن جو 22 ڊسمبر وارو فيصلو بحال ڪري ڇڏيو. عدالت پي ٽي آءِ جي انٽرا پارٽي اليڪشن ۽ چونڊ نشان تي پنهنجو اسٽي آرڊر واپس وٺي ڇڏيو جنهن سبب پي ٽي آءِ کان هڪ ڀيرو وري بيٽ جو نشان کسجي ويو واضح رهي ته اليڪشن ڪميشن تحريڪ انصاف جي انٽرا پارٽي اليڪشن کي آئين جي خلاف قرار ڏيندي ڪالعدم قرار ڏنو جنهن ڪانپوءِ پي ٽي آءِ کي بيٽ جو نشان کسجي ويو هو پر تحريڪ انصاف ڪميشن جي فيصلي کي پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو هو پشاور هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي چونڊن ۽ چونڊ نشان بابت اليڪشن ڪميشن جو فيصلو معطل ڪندي تحريڪ انصاف جو چونڊ نشان بحال ڪيو هو اليڪشن ڪميشن پشاور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف ساڳي عدالت ۾ نظرثاني اپيل داخل ڪئي آهي.

بقايا 04

بئريسٽر علي ظفر جي آيه ته هاءِ ڪورٽ ۾ بيٽ جي نشان بابت بحث ٿي نه ٿيو. هن انٽريو ۾ بئريسٽر علي ظفر چيو ته پشاور هاءِ ڪورٽ چونڊ نشان بيٽ بحال ڪري ڇڏيو هو عدالت چيو هو ته 9 تاريخ تي ڊويزن بينچ جي سامهون فيصلو ٿيندو. هن چيو ته جج صاحب ڊويزنل بينچ جي ٻڌڻي کان اڳ اسٽي ختم ڪري ڇڏيو اسٽي آرڊر واپس وٺڻ سمجهه کان ٻاهر آهي. بئريسٽر علي ظفر چيو ته سمجهه ۾ نه پيو اچي ته اسٽي آرڊر ڪنهن قانون تحت واپس ورتو هاءِ ڪورٽ ۾ اسان جي موقف تي بحث ٿي نه ٿيو هن چيو ته 9 جنوري تي ڊويزنل بينچ اليڪشن فيصلي کي غلط قرار ڏنو ته بيٽ واپس ملي ويندي. پي ٽي آءِ سينيٽر چيو ته اليڪشن ڪميشن جي خلاف ڪيس ٻڌڻي پشاور هاءِ ڪورٽ جي دائري اختيار آهي هن چيو ته پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ حڪومت جو وڪيل موقف هو ان بحث ڪيو اهو چوڻ غلط هوندو ته ڪنهن کي ٻڌو نه ويو. بئريسٽر علي ظفر چيو ته جيڪڏهن ڪنهن کي به نه ٻڌو وڃي ته هاءِ ڪورٽ جي آرڊر ۾ غلطي نه هئي.

بقايا 05

ڪري ڇڏيو پشاور هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي اليڪشن ۽ چونڊ نشان ڪيس تي اليڪشن ڪميشن جو فيصلو بحال ڪندي اسٽي آرڊر واپس وٺي ڇڏيو فيصلي ڪانپوءِ پي ٽي آءِ اڳواڻ بيرسٽر گوهر خان اڊيالا جيل ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته خبر آئي آهي ته پشاور هاءِ ڪورٽ بيٽ واري نشان بابت فيصلو واپس وٺي ڇڏيو آهي. بئرسٽر گوهر چيو ته پي ٽي آءِ کان بيٽ واپس وٺڻ غيرقانوني آهي. اهڙين چونڊن کي دنيا قبول نه ڪندي. 859 سيٽن تي ٿيندڙ عام چونڊ تڪراري رهندي. اهو فيصلو جلدبازي ۾ ڪيو ويو هن چيو ته بيٽ جو نشان واپس وٺڻ واري فيصلي خلاف سپريم ڪورٽ وينداسين. اسان کي بيٽ جو نشان نه ڏنو ويو ته اها جمهوريت جي هار آهي ۽ عوام قبول نه ڪندو.

بقايا 06

وارو فيصلو جاري ڪري ڇڏيو فيصلو پشاور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس اعجاز الاحسن لکيو. جنهن ۾ چيو ويو ته اليڪشن ڪميشن جي وڪيل اعتراض اٿاريو ته پشاور هاءِ ڪورٽ اختيار کي نظر انداز ڪندي حڪم نامو جاري ڪيو هو فيصلي ۾ اليڪشن ڪميشن جي وڪيل چيو ته ڪيس ۾ اهم ڌر کي ٻڌڻ کانسواءِ ئي حڪم نامو جاري ڪيو ويو. اليڪشن ڪميشن جي وڪيل چيو ته درخواستگذار کي مليل رليف سڄو ڪيس متاثر ڪيو آهي. لکت واري فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته عدالت ڌرين جا دليل ٻڌڻ بعد حڪم نامو واپس وٺي رهيا آهيون. اليڪشن ڪميشن کي آئين ۽ قانون موجب چونڊون ڪرائڻ گهرجن فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته سپريم ڪورٽ به پنهنجي فيصلن ۾ صاف ۽ شفاف چونڊون ڪرائڻ جو حڪم ڏنو آهي. اهم درخواست ۾ درخواستگذار جا خدشا ٻڌا ويندا. پشاور هاءِ ڪورٽ جي لکت واري فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته بنيادي درخواست جي ٻڌڻي پهرين مقرر تاريخ تي ٿيندي ان کان اڳ ٻڌڻي ٿي جنهن دوران اليڪشن ڪميشن جو وڪيل ۽ تحريڪ انصاف جو سينيئر وڪيل قاضي انور ايڊووڪيٽ عدالت ۾ پيش ٿيو ٻڌڻي جي شروعات تي پي ٽي آءِ جي وڪيل قاضي انور

بقايا 02

سيل تي هلندڙ سال 30 ڊسمبر تائين مختلف نوعيت جون 77522 عوامي شڪايتون فونز، موبائل فونز، هيلپ لائن، اي ميل، واٽسپ ۽ پوسٽ ذريعي موصول ٿيون. جن تي لاڳاپيل پوليس کي بروقت ازالي لاءِ حڪم جاري ڪندي تعميلي رپورٽون گهريون ويون. پوليس رپورٽ موجب ڪل مليل شڪايتن مان 74442 شڪايتن کي بهترين حڪمت عملين سان حل ڪيو. التوي هيٺ 3080 شڪاين جي حل لاءِ سمورا ضروري قدم کنيا پيا وڃن. آئي جي سنڌ رفعت مختار راجا کي ڏوهن جي خلاف سنڌ پوليس جي گذريل 363 ڏينهن جي ڪارڪردگي ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو ته هوٽل آئي مينيجمينٽ سسٽم سنڌ جي جديد ٽيڪنڪس جي ڪري ڪراچي جي مختلف ضلعن سميت سنڌ پوليس جي ٻين ضلعن مان ڪل 259 ڏوهارين کي گرفتار ڪيو ويو جنهن ۾ 122 اشتهاري ۽ 137 روپوش ڏوهاري آهن. رپورٽ ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو ته اسنيپ چيڪنگ دوران، چاپن ۽ ٻين ضروري قدمن سنڌ پوليس تلاش ايپ ڊوائيز جي استعمال سال 228/ اشتهاري جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ سان گڏ 146 ديت باديزجي سجاڳپ کي ممڪن بڻايو آهي.

بقايا 03

تير سان مشابهت رکندڙ چونڊ نشانن تي اعتراض اٿاريندي اليڪشن ڪميشن کي خط لکي ڇڏيو آهي پيپلزپارٽي خط ۾ موقف اختيار ڪيو ته پينسل، پيچڪش، بال پوائنٽ ۽

بقايا سنڌيار 01

،بروهي ،راهو،اگهرو،چانڊيا ۽ ٻين برادري جي معززين اڪرم رند ،منظور بروهي ،محمد ابراهيم چانڊيو، پنهل خان سولنگي، سانوڻ خاصخيلي، ڊاڪٽر مير پنهل خان ڪوسو سميت ۽ ٻين شرڪت ڪئي انهي موقعي تي ڊاڪٽر بهادر ڏاهري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پ پ مختلف برادرين جي معززين ۽ دوستن سان ڳڏجاڻي ٿي دوستن ۾ وڏو جوش جذبو آهي جڏهن ته سعودي عرب جي شهر جده ڪان فقير اشرف لنڊ به ورڪ جي سلسلي ۾ آيو آهي مختلف برادرين جي معززين جي ساٿ سان 8 فيبروري تي عوام مون ڪي ۽ ايم اين اي ڪي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪندو.

بقايا سنڌيار 02

چوند سرگرميون شروع ڪري ڇڏيون آهن ان سلسلي ۾ پ پ جي باغي اڳوڻ اڳوڻ اڳوڻي اين اي سيد علي نواز شاهه تعلقي ڏگهڙي تعلقي جهڏو ۾ پنهنجون چوند سرگرميون شروع ڪندي پنهي تعلقن جا دورا شروع ڪري ڇڏيا آهن سيد علي نواز شاهه پنهنجي ساٿين سميت ڏگهڙي، تندو جان محمد، جهڏو، ڳوٺ پهلاج ڪولهي، ڳوٺ ڪوٽ مير جان محمد، ڳوٺ گل محمد جوڻيجو ۾ تعزيتون ڪيون ڪارنر ڳڏجاڻين ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اين اي 212 ميرپورخاص 2 جي نامزد آزاد اميدوار سيد علي نواز شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مون پنهنجي سياسي ڪئريئر ۾ جيڪا عوام جي خدمت ڪئي آهي عوام ئي ڀڏائي سگهي ٿو آئون پنهنجي واڪاڻ نه ڪنديس

بقايا سنڌيار 03

آئي سگهجي،هن اهڙو اظهار پوليو مهم جي انتظامن جو جائزو وٺڻ جي سلسلي ۾ تنگوائي تعلقي جي رورل هيلٿ سينٽر ڪرمپور ۾ يونين ڪائونسل جمال لاءِ ڪرنايل هڪ ڳڏجاڻي ڪي خطاب ڪندي چيو ته پوليو خلاف هيءَ مهم 08 جنوري کان 12 هين جنوري 2024 ...

[illegible]

پروجيڪٽ امپليمينٽيشن يونٽ
سنڌ فارنسڪ سائنس ليبارٽري ڪراچي
هوم ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ

مهربند ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

سنڌ فارنسڪ سائنس ليبارٽري ڪراچي ۾ گرمي، وينٽيليشن ۽ ايئرڪنڊيشننگ (HVAC) ڪم جي فراهمي، تنصيب، ٽيسٽنگ ۽ ڪميشننگ

پروجيڪٽ امپليمينٽيشن يونٽ، سنڌ فارنسڪ سائنس ليبارٽري ڪراچي، گهرو کاتو، سنڌ حڪومت پاران سيل ٿيل ٽينڊر (سنگل اسٽيج۔ ٻه لفافو SPP قاعدو 2010 46(2) ۾ ترميم ٿيل) مقرر ٿيل فارم تي، نامور فرم / ٺيڪيدار کان اهليت سان ملڻ جي دعوت ڏني وئي آهي. معيار، يعني FBR ۽ SRB سان فعال رجسٽريشن ۽ PEC سان لاڳاپيل درجابندي C_1 يا مٿي مخصوص ڪوڊ ME01 سان صحيح رجسٽريشن SPPRA ضابطن، 2010 جي مطابق (ترميم ٿيل تازه ترين) هيٺين ٽينڊر لاءِ دلچسپي رکندڙ پارٽين کي درخواست ڪئي وئي آهي ته اهي پنهنجون آڇون پيش ڪن جيئن ٽيلر دستاويز تي وضاحتون.

ٽينڊر جو تفصيل	ٽينڊر نمبر	ٽينڊر ڪليڪشن (شروعاتي تاريخ)	ٽينڊر ڪليڪشن (آخري تاريخ)	ٽينڊر جمع ڪرائڻ جي تاريخ/وقت	ٽينڊر/واڪ کولڻ جي تاريخ (ٽيڪنيڪل ۽ فنانشل واڪ)
گرمي، وينٽيليشن ۽ ايئر ڪنڊيشننگ (HVAC) جي فراهمي، تنصيب، ٽيسٽنگ ۽ ڪمشننگ ڪراچي ۾ سنڌ فارنسڪ سائنس ليبارٽري ۾ ڪم ڪري ٿي	SFSL/HD/GOV/D0072023	04/01/2024 (آفيس وقت دوران)	31/01/2024 (آفيس وقت دوران)	01/02/2024 2 وڳي	01/02/2024 2:30 وڳي

شرط ۽ ضابطا:

1. ٽينڊر دستاويزجنهن ۾ تشخيصي معيار ۽ ٻيا لاڳاپيل تفصيل گڏ ڪري سگهجن ٿا (دفترجي ڪلاڪن دوران) ڪمپني جي ليٽرهيڊ تي لکت واري درخواست جمع ڪرڻ تي هيٺين ايڊريس تان رپيا جي ادائيگي تي 20,000 (ناقابل واپسي) ٽينڊر لاءِ، پي آرڊر ذريعي "پروجيڪٽ ڊائريڪٽر سنڌ فارنسڪ سائنس ليبارٽري" جي نالي تي.
2. ٽينڊر سان گڏ هجڻ ضروري آهي بئنڪ ڊرافٽ / پي آرڊر جي برابر 2٪ ڪل ٽينڊر جي قيمت جي طور تي بڊ سيڪيورٽي (واپسي قابل "پروجيڪٽ ڊائريڪٽر سنڌ فارنسڪ سائنس ليبارٽري" جي حق ۾.
3. هي نوٽيفڪيشن ٽينڊر دستاويزن سان گڏ ويب سائيٽن www.sfsl.gos.pk ۽ www.ppra.gov.pk يا www.ppms.pprasindh.gov.pk تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو. تنهن هوندي به، رپيا جي ادائيگي 20,000 (ناقابل واپسي) ٽينڊر جي فيس لاءِ، پي آرڊر ذريعي "پروجيڪٽ ڊائريڪٽر سنڌ فارنسڪ سائنس ليبارٽري" جي نالي تي جمع ڪرائڻ لازمي آهي. ٻي صورت ۾ ٽينڊر قبول نه ڪيو ويندو.
4. ان کان علاوه، مشروط ٽينڊر، جمع ڪرائڻ ٻي سيڪيورٽي جي ثبوت کان سواءِ، ٽينڊر فيس جي بغير يا ڪنهن ٻئي طريقياتي خامين (نقصن) کي جيڪڏهن SPPRA 2010 تحت ضابطا 41(7) موجب مليا، ته ٻه مقابلي ۾ غور نه ڪيو ويندو ناڪام بوليندڙن جي بيڊ سيڪيورٽي ٽينڊر دستاويزن جي روزي موجب واپس ڪئي ويندي.
5. پروڪيورنگ ايجنسي ايس پي پي رول 2010 جي لاڳاپيل شقن جي تابع ڪنهن به يا سڀني ٽينڊر کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي (تاريخ ۾ ترميم ڪئي وئي) ۽ قاعدي۔25 تحت ٽينڊر قبول ڪرڻ کان اڳ ڪنهن به وقت خريداري واري عمل کي منسوخ ڪري سگهي ٿي. ضابطو.
6. الڳ الڳ مهر بند لفافو (ٽيڪنيڪل پروپوزل لفافو ۽ مالي پروپوزل لفافو واضح طور تي مٿي ڏنل ٽينڊر جو نالو هيٺ ڏنل ايڊريس تي آفيس پهچڻ گهرجي ۽ ساڳئي ڏينهن تي بولي ڏيندڙ / بااختيار نمائندن جي موجودگي ۾ کوليو ويندو.
7. جمع ڪرڻ، جمع ڪرائڻ ۽ ٽينڊر دستاويزن کي کولڻ جي جڳهه جو پتو هيٺ ڏنل آهي: پروجيڪٽ ڪنسلٽنٽ M/S NESPAK، چوٿين فلور NICL بلڊنگ، عباسي شهيد روڊ آف شاهراهه فيصل، ڪراچي (021.9925430.34). فوڪل پرسن: جناب راشد حسين.

اي ميل: sindhforensicscience laboratory@gmail.com

جمع ڪرائڻ / افتتاح جي تاريخ ۽ وقت تي ناپسنديده حالتن جي صورت ۾ يا جيڪڏهن حڪومت موڪل جو اعلان ڪري ٿي. ٽينڊر جمع ڪيو ويندو / کوليو ويندو ايندڙ ڪم ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ جڳهه تي.

NF/KRY#07/2024 پڙهندي سنڌ ته... وڌندي سنڌ

حڪومت سنڌ
ڊائريڪٽر سنڌ فشريز ايڪوڪلچر اينڊ ريسرچ انسٽيٽيوٽ (سفاري)
چليا ٺٽو

تصحيح

اهو ٻڌائڻو آهي ته نوٽيس دعوت ڏيڻ وارو ٽينڊر (NIT) شايع ڪيو ويو آفيس ليٽر نمبر: DFS/SAFARI/NIT/Goods/1051.53/23، تاريخ 05.12.2023 جي ذريعي ساڳيوئي اپ لوڊ ڪيو ويو SPPRA ويب سائيٽ تي NIT ID T02106.23.0001. اهم اخبارون يعني انگريزي، ڊان نيوز 22 ڊسمبر 2023، اردو روزاني ايڪسپريس، 24 ڊسمبر 2023 ۽ سنڌي روزاني ڪاوش، تاريخ 23 ڊسمبر 2023. مٿي ڄاڻايل NIT جي کولڻ جي تاريخ 10.01.2024 هئي سنڌ فشريز ايڪو ڪلچر ريسرچ انسٽيٽيوٽ (SRIFA Chily). NIT کولڻ جي شيڊول تي نظر ثاني ڪئي وئي آهي 25.01.2024 تي نظر ثاني ٿيل بڊنگ دستاويز SPPRA ويب سائيٽ تي پڻ اپ لوڊ ڪيا ويا آهن. تنهن ڪري دلچسپي وٺندڙن کي گذارش آهي ته مٿي ذڪر ڪيل NIT لاءِ نظرثاني ٿيل شيڊول تي عمل ڪن.

نواب سجاد لاڙڪ
اسسٽنٽ ڊائريڪٽر فشريز
ڊرائنگ اينڊ ڊسبرسنگ آفيسر (TX0052)
سنڌ فشريز ايڪيوڪلچر اينڊ ريسرچ انسٽيٽيوٽ (سفاري)
چليا ٺٽو

پڙهندي سنڌ.......... ته وڌندي سنڌ INF/KRY#04/2024